7

# ڪاڪوس ٺاهڻ

# Building Toilets


| هن باب ۾: | صفحو |
|---|---|
| صحت صفائيءَ ڪي زور ونرائڻ | 104 |
| ماڻهو ڪاڪوسن مان ڇا ٽا چاهين؟ | 105 |
| ڪاڪوسن جي رٿابندي ڪرڻ | 106 |
| عورتن ۽ مردن جون مختلف ضرورتون ٽين ٽيون | 108 |
| سرگرمي: عورتن جي ڪاڪوسن تائين پهچڻ ۾ رڪاوٽون ختم ڪرڻ | 110 |
| ڪاڪوس استعمال ڪرڻ ۾ سولا ٺاهڻ | 111 |
| ٻارڙن لاءِ ڪاڪوس | 112 |
| هنگامي حالتن ۾ صفائي | 113 |
| شهرن ۽ ڳوٺن لاءِ صفائي | 114 |
| قصو: شهري وسندين جي صفائي | 115 |
| نيڪاس جو مسئلو | 116 |
| قصو: ماڻهو پنهنجو نيڪاس سرشتو پاڻ ٺاهين ٿا | 117 |
| ڪاڪوس جي مڪياري | 118 |
| ڪو ڪاڪوس ڪٿي ٺاهجي؟ | 119 |
| بند کڏن وارا ڪاڪوس | 120 |
| بهتر هوادار کڏن وارا ڪاڪوس | 123 |
| اِڪالاجيڪل ڪاڪوس | 124 |
| وڻن پوکڻ لاءِ هڪ سادو ڪامپوسٽ ڪاڪوس | 126 |
| 2 کڏن وارو ڪامپوسٽ ڪاڪوس | 128 |
| پيشاب وهائي خشڪ رهندڙ ڪاڪوس | 129 |
| پيشاب جو پاڻ | 134 |
| کڏن وارا پور فلش ڪاڪوس | 136 |
| سرگرمي: صحيح / درست ڪاڪوس جي چونڊ ڪرڻ | 138 |

# ڪاڪوس ٺاهڻ



انساني غلاظت (ڪرفتي ۽ پيشاب) ۾ موجود جيوڙن ۽ ڪيئنئ سبب پاڻي، ڪاڏو ۽ زمين غليظ ٿيڻ سان صحت جا سنگين مسئلا پيدا ٿي سگهن ٿا (ڏسو ص. 51 کان 58). انساني غلاظت جي صحيح اُڪلاءَ (صفائي) لاءِ ڪاڪوس ٺاهڻ، سنڀالڻ ۽ هٿ مَلي صاف ڪندي رهڻ سان جيوڙن کان بچاءُ ٿيندو رهي ٿو. سٺيءَ صحت قائم رکڻ لاءِ ايئن ڪرڻ ضروري ٿئي ٿو.

توهانجي وسنديءَ ۾ پلي ته ڪهڙي به قسم جا ڪاڪوس هجن جهڙوڪ: ڪڏن وارا، جن رستي انساني غلاظت کي ياڻ (ecological sanitation) ۾ تبديل ڪيووڃي ٿو يا اهي جيڪي انساني غلاظت ۽ پاڻيءَ کي ڪسين (sewage) رستي خارج ڪن ٿا يا اهڙو ڪو ٻيو قسم استعمال ڪيو ويندو هجي، انهن سڀني جو مکيه مقصد پيئڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ پاڻيءَ، ڪاڏي ۽ هٿن کي انساني غلاظت کان بچائڻ آهي.

ناقص ڪاڪوس ۽ نيڪاس، بيمارين ٿيڻ ۽ جَر جي پاڻيءَ کي غليظ ڪرڻ جو هڪ وڏو ڪارڻ ٿين ٿا. جيئن جيئن صاف پاڻيءَ جي کوٽ ٿيندي وڃي ٿي، تيئن تيئن، انساني غلاظت کي اهڙي طريقي سان اڪلائڻ ته جيئن پاڻيءَ جي وڏيڪ غلاظت ٿي نه سگهي، آهستي آهستي هڪ وڏو مسئلو ٿيندو پيو وڃي.

# صحت صفائيءَ ڪي زور وٺرائڻ

ڪن هيلٿ ورڪرن جو ويساهه آهي ته، صحت جي مسئلن ۾ صحت صفائي نه هجڻ سبب ٿيندڙ موتن کان رڳو تڏهن بچي سگهجي ٿو جڏهن ماڻهو پنهنجين ذاتي عادتن يا ”سُياون ۾ تبديلي“ نه آڻيندا ته جيئن اهي صاف سٿرا رهي سگهن. جڏهن ته عام طور تي سياءَ ۾ تبديلي آڻڻ ۾ ان سبب ڪاميابي ٿي نٿي سگهي جو ماڻهو پنهنجي روزاني زندگي ئي اهڙي گذارين ٿا جهڙوڪ: غربت، پيئڻ لاءِ صاف پاڻيءَ يا معياري ڪاڪوسن جو نه هجڻ، جنهن سبب هو پنهنجا سياءَ تبديل ڪري نٿا سگهن ۽ جڏهن سندن سياءُ تبديل ٿي نٿو سگهي تڏهن اسان، سندن هيٺي صحت هجڻ جو مٿن ئي ڏوهه ڏيون ٿا.



ممڪن ٿي سگهي ٿو ته، ماهر انهن جا ڪي ٽيڪنيڪل/ فني اپاءَ ٻڌائين جهڙوڪ: اهڙا جديد ڪاڪوس استعمال ڪرڻ جن جي صفائيءَ لاءِ پاڻي ضروري نٿو ٿئي يا ڪسين جا اهڙا نمونا جن ۾ پاڻي جيوڙن کان صاف ٿي وڃي ٿو. پر اهو به ضروري ناهي چو ته، جيڪي ٽيڪنيڪل اپاءَ ٻين هنڌن تي ڪامياب ٿين ٿا، اهي ان برادريءَ جي مروج رسمن ۾ حالتن ۾ ڪامياب ٿي سگهندا. ممڪن ٿي سگهي ٿو ته هن ڪتاب ۾ ذڪر ڪيل ڪيترا ڪاڪوس ڪن برادرين لاءِ بيڪار ثابت ٿين. ماڻهن جي تهذيبي پسمنظرن، رهڻ ڪرڻ جي حالتن ۾ بنيادي ضرورتن کي سمجهڻ بنا اهڙا مسئلا گهٽجڻ ۾ ختم ٿيڻ بجاءِ پيدا ٿي سگهن ٿا.

جيسيتائين ماڻهن کي سندن هيٺي صحت جو پاڻ ذميوار سمجهيو ويندو يا اهڙن فني/ ٽيڪنيڪي اپائن وٺڻ سان جيڪي مقامي رسمن ۾ رواجن کي نظرانداز ڪندڙ هونديون، تيسيتائين صحت صفائيءَ جي ناقص نظام سبب بيماريون پيدا ٿينديون رهنديون. اهڙيون ڪوششون وٺڻ ته جيئن پائدار طريقي سان صحت سڌاري سگهجي، ان لاءِ صحت سڌارڪن کي ماڻهن جون ڳالهيون ڏيان سان ٻڌڻيون پونديون ۽ ڪنهن به برادريءَ سان گڏجي سندن ضرورتن ۾ لياقتن آهر گهربل تبديليون آڻڻ لاءِ اپاءَ ڳولڻا پوندا.

# ماڻهو ڪاڪوسن مان ڇا ٿا چاهين؟

اهو رڳو صحت جو مکيه مسئلو ناهي ته ماڻهو بهتر صحت صفائي چاهين ٿا. پر ان سان گڏ هو اهو به چاهين ٿا ته:

**نويڪلائي:** اهڙو ڪاڪوس بلڪل سادو به ٿي سگهي ٿو جنهن ۾ زمين ۾ هڪ اونهو سوراخ ٺئي ٿو. نويڪلائي هجڻ لاءِ اهو به ضروري ٿئي ٿو ته، اهڙو ڪاڪوس ڪنهن محفوظ هنڌ تي ۽ منجهس دروازو به هجي. اهڙو محفوظ ڪاڪوس سادو ۽ مقامي سامان مان ٺاهي سگهجي ٿو.

**سلامتي:** اهڙي ڪاڪوس جي محفوظ هجڻ لاءِ ضروري ٿئي ٿو ته اهو سنو ۽ ڪنهن محفوظ هنڌ تي ٺهيل هجي. جيڪڏهن خراب نموني ٺهيل هوندو ته استعمال ڪرڻ خطرناڪ ثابت ٿي سگهندو. جيڪڏهن گهر کان گهڻو پري يا ويران هنڌ تي هوندو ته عورتون جنسي تشدد جي خطري رهنديون.

**آرامده:** ماڻهون اهڙو ڪاڪوس وڌيڪ پسند ڪندا جنهن ۾ ويهڻ يا اوڪڙو ويهي استعمال ڪري سگهڻ جي آرامده جاءِ هجي ۽ بيهي سگهڻ لاءِ ڪشادو ڇپر ڇانورو. اهڙي ڪاڪوس جي استعمال کي وڌيڪ ترجيح ڏيندا جيڪو گهر ويجهو هوا، مينهن، گرميءَ ۽ سرديءَ کان بچائيندڙ هجي.

**صفائي:** ڪاڪوس گندو ۽ بدبودار هوندو ته ڪو به استعمال ڪرڻ پسند نه ڪندو. رسمي طور تي جيڪڏهن وسنديءَ ۾ اهڙا صفائي ڪندڙ موجود هجن ته انهن جي سهڪار سان صفائي ڪندي رهڻ سان پڪ ٿئي ٿي ته ڪاڪوس صاف ٿيندا رهن ٿا ۽ انهن جي سنڀال لڏي وڃي ٿي.

**عزت:** سني ۽ صاف سٿري ڪاڪوس هجڻ سان ان جو مالڪ عزت محسوس ڪري ٿو. اهو به هڪ اهم سبب ٿي سگهي ٿو جو ماڻهو ڪوشش ۽ پئسا خرچ ڪري هڪ سنو ڪاڪوس ٺهرائين ٿا.




هٿ ملي صاف ڪرڻ جو بندوبست

پيشاب ۽ ڪرفتيءَ کي هڪ صحتمند وسيلي ۾ مٽائڻ



هڪ اهڙي سني جاءِ جتي ڪو فرد پيٽان ويهي سگهي

اها پڪ ڪرڻ ته ڪاڪوس. محفوظ ۽ صاف سٿرا رهن ٿا

اهڙو کاڌو پيتو جيڪو پيشاب ۽ ڪرفتي سبب غليظ ٿي نه سگهي.



ڪا بہ اهڙي رٿا جنهن ۾ عورتن يا ٻئي ڪنهن لاءِ ڪاڪوسن جي گنجائش موجود نہ هجي، اها ان وسندي کي بيمارين کان بچائي نہ ٿي سگهي.

# ڪاڪوسن جي رٿابندي ڪر

هر ماڻهوءَ ۽ هر برادريءَ وٽ انساني غلاظت جـ
نيڪال يا اُڪلائڻ جو هڪ طريقو موجود ٿئي ٿـ
پوءِ پلي تہ ماڻهوان لاءِ جهنگ جو رخ ڪن، ڪنه
ٻوڙي يا ٻيلي ۾ وڃي اهڙو خيال پورو ڇو نہ ڪنـ
هجن. ان لاءِ ڳوٺ جا سڀ ماڻهو ساڳيو طريـ
استعمال نٿا ڪن ۽ نہ ئي هر فرد سدائين ساڳـ
طرح سان غلاظت جو اُڪلاءُ ڪري ٿو. ڪي ماڻـ
اهڙو طريقو مٽائيندا رهن ٿا، تہ ڪي ايئن نہ بہ ڪـ
ٿا. اهڙي ڪم لاءِ ڪنهن نئين قسم جو
ڪاڪوس ٺاهيو وڃي، ڪنهن سٺي
ڪاڪوس تائين رسائي بهتر ڪئي وڃي يا
ڪنهن ٻئي قسم جون تبديليون آنديون وڃن.
گهٽي پاڙي صفائيءَ جي اهڙي ڪم کي سڌاري سگهجي ٿو.

ان لاءِ ننڍڙيون ڏاڪي بہ ڏاڪي تبديليون آڻڻ بهتر ٿين ٿيون، بنسبت هڪدم وڏين تبديلين آڻڻ جي.

اهڙيون ننڍڙيون تبديليون جن جو صحت، سلامتي ۽ سهنجائپ تي وڏو اثر پوي ٿو انهن جا مثال آهن:

- صفائيءَ لاءِ پاڻي ۽ صابڻ ڪاڪوس پرسان رکڻ.
- ڪڏي واري ڪاڪوس ۾ هوا لاءِ جاريدار لنگهہ ٺاهڻ تہ جيئن منجهس هوا وڃي سگهي ۽ مکيون ڦاسي سگهن.
- ڪليل ڪڏي سان گڏ هڪ مضبوط ڍڪ ٺاهڻ.
- جڏهن توهان پنهنجي وسنديءَ ۾ انساني غلاظت اڪلائڻ لاءِ رٿابندي ڪرڻ يا ان ۾ ڪي تبديليون آڻڻ چاهيندا هجو تڏهن اها ڳالهہ ضرور ذهن ۾ رکو تہ اهڙي تبديلي:
- **بيمارين کان بچائيندڙ هجي** . اهڙي سهوليت ماڻهن ۽ ڪاڏي تائين بيماريون پکيڙيندڙ غلاظت ۽ جيتن جي پهچ کان پري هجي، جنهن ۾ ڪاڪوس ۽ ويجها گهر بہ اچي وڃن ٿا.
- **پاڻيءَ جا ذريعا بچائيندڙ هجي** . پيئڻ جو پاڻي، مٿاڇري وارو پاڻي يا ڄَر جو پاڻي گندو ڪندڙ نہ هجي.
- **ماحول بچائيندڙ** . جن ڪاڪوسن رستي انساني غلاظت کي ڀاڻ ۾ تبديل ڪيو وڃي ٿو تن کان پاڻيءَ کي سنيالي ۽ بچائي، غلاظت کي روڪي ۽ غذائي جزن کي زمين ڏانهن موٽائي سگهجي ٿو (ڏسو ص. 124 کان 135).
- **سادا ۽ سستا ڪاڪوس** . ماڻهن لاءِ صاف ڪرڻ ۽ سنڀالڻ ۾ سولا هجن ۽ اهي مقامي شين/مواد مان پاڻ ٺاهي سگهن.
- **رسمي طور تي قابل قبول هجن** . مقامي رواجن، عقيدن ۽ گهرجن پٽاندڙ هجن.
- **هر هڪ لاءِ استعمال ڪرڻ جهڙا** . ٻارڙن، عورتن، مردن، پيرسنن ۽ معذورن لاءِ استعمال جوڳا ۽ سندن صحت جون ضرورتون پوريون ڪندڙ هجن.

## صفائيءَ جا فيصلا برادريءَ جا فيصلا ٿين ٿا

جڏهن ڪاڪوسن بابت فيصلا انهن جا استعمال ڪندڙ ڪن تڏهن گهڻو ممڪن ٿئي ٿو ته، ماڻهن جي صحت صفائيءَ جون مختلف ضرورتون پوريون ٿي سگهن ۽ جيئن ته ڪنهن گهر، پاڙي ۽ ڳوٺ جي صفائيءَ جا فيصلا، انهن هنڌن تي رهندڙ ماڻهن کي متاثر ڪري سگهن ٿا، تنهنڪري جڏهن اوڙي پاڙي واريون سڀ برادريون گڏجي ڪم ڪن ته هرهڪ فرد جي صحت سڌري سگهي ٿي.

جڏهن به سرڪار يا ٻاهريون ادارو صحت صفائيءَ ۾ سڌارو واڌارو ڪرڻ چاهي ٿو تڏهن برادريءَ جي شموليت اهڙي فيصلي کي ڪامياب يا ناڪامياب بڻائي سگهي ٿي.

### خراب ڪاڪوس؟

1992 ۾ ايل سالواڊور (El Salvador) حڪومت 10 ملين آمريڪي ڊالر خرچ ڪري هزارين ڪاڪوس ٺهرايا. ڪاڪوسن ٺاهڻ جو اهو مقصد هو ته جيئن، غلاظت کي ڀاڻ ۾ تبديل ڪري سگهجي پر پراڻن ڪاڪوسن جي ڀيٽ ۾ جيڪي ماڻهو استعمال ڪندڙ هيا، نون ڪاڪوسن ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏيڻ ۾ سنڀالڻ جي ضرورت هئي. جيئن ته سرڪار، برادريءَ جي ڪنهن به فرد کي انهن جي ٺهڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ نه چيو ۽ نه ئي ڪين سيکاريو ويو ته اهي ڪيئن استعمال ڪجن، تنهنڪري ماڻهو اهو سمجهي نه سگهيا ته اهي ڪيئن ٿا ڪم ڪن.

رٿا پوري ٿيڻ ڪانپوءِ سرڪار پاران ڪرايل ايياس.مان خبر پيئي ته اهڙن ڪيترن ڪاڪوسن جو سٺيءَ طرح سان استعمال نٿو ڪيو وڃي. جڏهن ته ڪيترا مورڳو استعمال ئي نٿا ڪيا وڃن.




**جڏهن ماڻهن کي رٿابنديءَ ۾ شامل ڪيو وڃي، تڏهن گهڻو ممڪن ٿئي ٿو ته ماڻهن جون ضرورتون پوريون ٿي سگهن.**

### ڪنهن نہ ڪنهن کي ڪاڪوس ضرور صاف ڪرڻو پوي ٿو



جيتوڻيڪ ڪو بہ فرد ڪاڪوس صاف ڪرڻ نٿو چاهي تنهن هوندي بہ ڪنهن نہ ڪنهنکي اهڙو ڪم ڪرڻو پوي ٿو.

عام طور تي اهو ئي سمجهيو وڃي ٿو تہ ڪاڪوسن جي رٿا رٿڻ ۽ ٺاهڻ يا تہ مردن يا ڪنهن ماهر جو ڪم ٿئي ٿو. ڪاڪوسن جي صفائيءَ جو اڻ وڻندڙ ۽ مسلسل ڪم عورتن کي ئي ڪرڻو پوي ٿو يا هيٺين طبقي جي ماڻهن کي. اها ڪيڏي نہ هڪ ناجائز ڳالهہ آهي، جڏهن سدائين اهڙا اڻ وڻندڙ ڪم عورتن ۽ اهڙن فردن کي ڪرڻا پون، جيڪي شروعات ۾ ئي اهڙن فيصلن ۾ شامل نہ ڪيا وڃن.

اڻ وڻندڙ ڪمن ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ بہ هڪ اهڙو طريقو آهي، جنهن سان ڀڪ ڪري سگهجي ٿي تہ ڪم ٿئي ٿو. جيتوڻيڪ ان سان عام طور تي سماجي جهيڙا بہ ٿين ٿا.

## عورتن ۽ مردن جون مختلف ضرورتون ٿين ٿيون

جڏهن ڪاڪوسن جي استعمال جي ڳالهہ ڪجي ٿي تہ عورتن ۽ مردن جون الڳ الڳ ضرورتون ۽ انهن جي استعمال جا مختلف طريقا ٿين ٿا. ڪنهن عوامي ڪاڪوس يا کليل هنڌ تي ڪنهن عورت جي ڀيٽ ۾ ڪو مرد وڌيڪ آرام سان پيشاب ويهي سگهي ٿو.

جڏهن خانگي ڪاڪوس سلامتيءَ وارا نہ هجن تڏهن عورتن لاءِ ان وسنديءَ ۾ زندگي گذارڻ ڏکي ٿي پوي ٿي.




عام طور تي عورتن جي ڀيٽ ۾ مردن لاءِ پيشاب ويهڻ وڌيڪ سولو ٿئي ٿو.

## عورتن جي ضرورتن کي خيال ۾ رکندي ڪاڪوس ٺاھڻ

جڏھن عورتن کي صحت صفائيءَ جي رٿابنديءَ ۾ شامل نہ ڪيو ويجي، تڏھن اھي صحت جي مسئلن جي وڏيڪ خطرن ۾ رھن ٿيون جو گھٽ ممڪن ٿئي ٿو تہ، سندن ضرورتن ڏانھن ڌيان ڏنو ويندو. ساڳيءَ طرح جيڪڏھن مرد، ھر فرد جي صحت سڌارڻ جو اونو رکندڙ آھي، تڏھن ڪين برادري/ وسنديءَ جي صفائيءَ ۾ ٿيندڙ تبديلين دوران عورتن جي ضرورتن کي ڌيان ۾ رکڻو پوندو.

برادريءَ جي صفائيءَ جي رٿائن ۾ عورتن کي سھوليت ڏيڻ لاءِ اھڙيءَ طرح سان شامل ڪرڻ گھرجي تہ جيئن ڪين گھڻو ڪم ڪرڻو نہ پوي جنھن لاءِ:

- اھڙن وقتن تي گڏجاڻيون ڪوٺائجن، جڏھن عورتون بہ شامل ٿي سگھن.
- پڪ ڪجي تہ عورتن کي نينڍ ڏني وڃي ٿي ۽ اھي پاڻکي سولو محسوس ڪن ٿيون تہ جيئن ڳالھائي سگھن.
- جيڪڏھن عورتون چاھين تہ، سندن الڳ گڏجاڻي ڪجي تہ جيئن ھو جيڪي ڪجھ چوڻ چاھين ٿيون، اھو سولائيءَ سان چئي سگھن.



”جيڪڏھن توھان ڪنھن مرد کي پڙھايو تہ
چڻ ھڪ فرد کي پڙھايو پر جي ھڪ عورت
کي پڙھايو تہ چڻ سڄيءَ قوم کي پڙھايو.“
(آفريڪي چوڻي)

## عورتن جي ڪاڪوسن تائين پهچڻ ۾ رڪاوٽون ختم ڪرڻ

هن سرگرميءَ جي مدد سان ماڻهو اهڙن مسئلن تي ڳالهائي سگهن ٿا جن سبب عورتن کي سٺن ۽ سلامتيءَ وارن ڪاڪوسن تائين پهچڻ ۾ رنڊڪ ٿئي ٿي. ان جو اصل مقصد اهو فيصلو ڪرڻ آهي، ته هرهڪ فرد جي صحت سڌارڻ لاءِ ڪهڙيون تبديليون آڻڻ ضروري ٿي سگهن ٿيون. اهڙي سرگرمي رڳو عورتن سان ڪرڻ ڪانپوءِ ساڳئي قسم جي ويهڪ عورتن ۽ مردن سان به ڪري سگهجي ٿي.

**وقت:** 1 ڪلاڪ کان ڏيڍ ڪلاڪ

**سامان:** هڪ وڏو ڊرائنگ پنو، پِنون ۽ ٽئپ.

1. ڊرائنگ پني تي ڪاڪوسن بابت ڳالهيون لکو. پوءِ هر ڳالهه سڄي گروپ کي پڙهي ٻڌايو ۽ هرهڪ کان پڇو تہ هو/ هوءَ ان سان متفق آهي يا نہ؟ (مفتق هجڻ جي حالت ۾ ڪين هٿ مٿي ڪڻڻ لاءِ بہ چئي سگهجي ٿو). هر ملندڙ هاڪاري جواب لاءِ، سامهون هڪ نشان ڪري ڇڏيو.

هت ڪجھ اهڙيون ڳالهيون ڏجن ٿيون، جيڪي استعمال ڪري سگهجن ٿيون.




2. اهڙيءَ هر ڳالهہ سامهون ڪيل نشانن جي ڳڻپ ڪريو. سڀ کان وڌيڪ ٻڌايل مسئلن جي چونڊ ڪري ۽ انهن تي بحث شروع ڪريو. اهڙي مسئلي جو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟ اهڙي مسئلي سبب ڪهڙيون بيماريون ٿي سگهن ٿيون؟ اهڙي صورتحال سڌارڻ لاءِ ڪهڙا اپاءَ وٺي سگهجن ٿا؟ اهڙيءَ صورتحال سڌارڻ ۾ ڪهڙيون رنڊڪون آهن؟

3. آخر ۾ هر گروپ سان گڏجي اهڙن قدمن کڻڻ جو فيصلو ڪريو. جيڪي عورتون ۽ مرد کڻي پڪ ڪري سگهن ٿا تہ هر هڪ جون ضرورتون پوريون ٿي سگهنديون.

## ڪاڪوس استعمال ڪرڻ ۾ سولا ٺاهڻ

اهڙا ڪيترا طريقا آهن، جن رستي ٻارڙن ۽ وڏن معذورن جي استعمال ڪرڻ لاءِ سولا ڪاڪوس ٺاهي سگهجن ٿا. معذوريءَ جي حساب سان اهڙن ڪاڪوسن ۾ ڦيرگهير ڪري سگهجي ٿي ۽ ان جو بهترين طريقو اهڙن ڪاڪوسن ٺاهڻ ۾ معذورن کي شامل ڪرڻ ٿي سگهي ٿو. ڦيرين گهيرن ۾ اهڙي نواڻ پيدا ڪريو ته جيئن هرهڪ جون ضرورتون پوريون ٿي سگهن.





جيڪڏهن ڪنهن فرد کي **اوڪڙو ويهڻ** ۾ تڪليف ٿئي ٿي ته هٿ سان ٽيڪ ڏيڻ لاءِ اهڙو سادو سهارو ٺاهيو يا چلهي جي سيٽ ٿوري مٿي ڪري ڇڏيو يا جيڪڏهن ڪاڪوس زمين ۾ ٺاهيو ويجي ٿو ته ان لاءِ ڪرسي يا اسٽول ۾ هڪ سوراخ ڪري اهو چلهي مٿان رکي ڇڏيو.

جيڪڏهن اهڙي شخص کي **پنهنجي جسم کي سنڀالي سگهڻ** ۾ تڪليف ٿئي ٿي ته سندس پنيءَ، پاسن ۽ ٽنگن لاءِ جهلون ٺاهيو ۽ سيٽ ٻئلٽ يا ڏنڊي جو سهارو.

ڪنهن نابين فرد کي گهر کان ڪاڪوس تائين پهچڻ ۾ مدد ڏيڻ لاءِ رسو ٻڌي يا جهنگلو (fence) ڏيئي ڇڏيو.

جيڪڏهن ڪنهن فرد کي **ڪپڙن لاهڻ ڪرڻ ۾ تڪليف** ٿيندي هجي ته اهڙا ڪپڙا استعمال ڪرايوس، جيڪي ڍلا ڪرڻ ۾ سولا هجن يا منجهن ربڙ پيل هجي. سمهي يا ويهي ڪپڙن پائڻ لاءِ اهڙي هنڌ کي صاف ۽ خشڪ ڪري ڇڏيو.

جيڪڏهن ڪنهنکي **ويهڻ ۾ تڪليف** ٿيندي هجي ته ان لاءِ ڦرنڊڙ گهرنڊڙ ڪٽهڙو ۽ ڏاڪا ( handrails and steps) ٺاهي سگهو ٿا.

### ويل چيئر جي گنجائش وارو ڪاڪوس







ياد رکو ته ڪنهن معذور ماڻهوءَ کي به اوتري ئي نويڪلائي گهرجي ٿي، جيتري ڪنهن ٻئي فرد کي، تنهنڪري ڪيس گهربل نويڪلائي ملڻ گهرجي.

# ٻارڙن لاءِ ڪاڪوس

ناقص صفائي هجڻ سبب ٻارڙا بيمار ٿيڻ جي وڏي خطري ۾ رهن ٿا. جيتوڻيڪ وڏا، دستن ۾ ڪينئن سبب زنده رهي سگهن ٿا پر ٻارڙا اهڙين بيمارين سبب مري سگهن ٿا (ڏسو ص. 51).

جڏهن ٻارڙن لاءِ اهڙا ڪاڪوس هجن جيڪي هو استعمال ڪرڻ ۾ سولا محسوس ڪندا هجن ۽ پاڻکي سولائيءَ سان صاف سٿرو به رکي سگهن، تڏهن سندن بيمار ٿيڻ جا امڪان گهٽ ٿين ٿا. ننڍين ٻارڙن لاءِ ڪڏي وارا ڪاڪوس اونداهيءَ ۽ وڏي سوراخ سبب خطرناڪ ۽ ڀوائتا ٿي سگهن ٿا. گهڻا ٻارڙا خاص طور تي ڇوڪريون رڳو ان سبب اسڪول وڃڻ ڇڏي ڏين ٿيون جو اسڪولن ۾ سٺا ۽ صاف ڪاڪوس نٿا هجن.

جيڪڏهن ٻارڙن کي، ڪاڪوسن ٺاهڻ ۾ مدد ڪرڻ ڏجي ۽ ڪين ناقص صفائيءَ سبب پيدا ٿيندڙ بيمارين بابت سمجهائجي ته ان سان منجهن صحتمند سياءُ پيدا ڪري سگهجي ٿو.




هر اسڪول ۾ هڪ صاف ۽ سٺو ڪاڪوس ۽ انجي استعمال ڪرڻ کانپوءِ ٻارڙن جي هٿ مَلي صاف ڪرڻ جو بندوبست هجڻ گهرجي.

## ننڍين ٻارڙن کي صاف سٿري رکڻ ۾ مدد ڪرڻ

هر ڪرفتيءَ ۾ بيماريون پيدا ڪندڙ جيوڙا ٿين ٿا ۽ انهن سان لاڳاپي ۾ اچڻ سبب ٻارڙن ۽ وڏن ۾ سنگين بيماريون ٿي سگهن ٿيون. ڀهراڙين ۾ والدين، گهڻن ننڍڙن ٻارڙن کي، جيڪي ڪاڪوس استعمال ڪري نٿا سگهن، گهر پرسان ڪڏڙو کوٽي پيشاب ويهڻ ۽ ان کانپوءِ مٿس ڀُڪ مٽيءَ جو وجهڻ سيکاري سگهن ٿا. ساڳئي وقت اهو به ضروري ٿئي ٿو ته:



- پيشاب ويهڻ کانپوءِ ابهمن ۽ ننڍين ٻارڙن کي ڌوئي صاف ڪجي.
- ٻارن جي ڪرفتي ڪڻڻ کانپوءِ هٿ مَلي صاف ڪجن.
- ڪرفتي پوري يا ڪنهن سٺي ڪاڪوس رستي وهائي ڇڏجي.
- گندا ڪپڙا پاڻيءَ جي ذريعن کان پري ڌوئي صاف ڪجن.

ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي ڏيان سان صفائي ڪرڻ سيکارجي ۽ هر ڀيري ڪاڪوس جي استعمال ڪرڻ کانپوءِ هٿ مَلي صاف ڪرڻ سمجهائجي. ڇوڪرين کي خاص طور تي اڳتي کان پوئتي صفائي ڪرڻ سيکارجي. اڳتي صفائي ڪرڻ سان جيوڙا پيشاب نليءَ ۽ گرڀ نلي/ فرج ۾ داخل ٿي مثاني جون بيماريون ۽ ٻيا مسئلا پيدا ڪري سگهن ٿا.

# هنگامي حالتن ۾ صفائي

ماڻهن جي هڪ وڏي انگ کي جنگين، قدرتي آفتن ۽ اهڙن ٻين سببن ڪري دربدر ٿي هنگامي حالتن ۾ گذارڻو پوي ٿو. هنگامي وستين جهڙوڪ پناهگير ڪئمپن ۾ صفائيءَ کي سڀ کان وڌيڪ اهميت ڏني وڃي ٿي.



## سادو چريءَ وارو ڪاڪوس

مقامي مواد رستي، ترت ساديون چريون کوٽي سگهجن ٿيون. جيڪڏهن هڪ بند چري يا کڏو هڪ ڪٽنب يا ڪٽبن جي ننڍڙي انگ لاءِ هجي ته ان سان گهڻي سهوليت ملي سگهي ٿي. چرين وارا ڪاڪوس لهوارن هندن تي، پاڻيءَ جي ذريعن کان پري پر ڪٽبن جي رهائشن ويجهو ٺاهڻ گهرجن ته جيئن ماڻهن کي انهن جي استعمال ڪرڻ لاءِ ڊگهو پنڌ ڪرڻو نه پوي. چريءَ واري ڪاڪوس ۾ جيئن ته پيرن رکڻ لاءِ تاڪيون ٿين ٿيون، ان سبب اهو استعمال ڪرڻ سولو ٿئي ٿو بنسبت ڪنهن سادي چريءَ جي. چريءَ وارا ڪاڪوس جيتري قدر ممڪن ٿي سگهن اونها (2 ميٽرن تائين) ٺاهڻ گهرجن پر جي گهڻي کوٽائي ڪري نٿي سگهجي ته اهي تراڪڙا به ٺاهي سگهجن ٿا. استعمال کانپوءِ هر فرد، ڪرفتي کي مٽيءَ سان لٽي ڇڏي ٿو. جڏهن چري پرجڻ تي هجي ته انکي مڪمل طور تي مٽيءَ سان لٽي ڇڏجي. اهڙي کڏي جي مٽي زرخيز هجڻ سبب وڻن ٽڻن کي گهڻو فائدو ٿيندو.

چريءَ مٿان هڪ هلڪو ڇنو به ٺاهي سگهجي ٿو ته جيئن، استعمال ڪندڙن کي نويڪلائي ملي ۽ مينهن کان بچاءُ ٿي سگهي. جڏهن ته اوٽ ڏيڻ لاءِ ڪپڙو، ڪاٺ جا تختا يا اهڙو ڪو ٻيو مواد جيڪو به ملي سگهي استعمال ڪري سگهجي ٿو.

ان ڳالهه ڌانهن خاص ڌيان ڏجي ته اهڙا ڪاڪوس عورتن ۽ ٻارن لاءِ نويڪلائيءَ ۽ سلامتيءَ وارا هجن.

### اٽپوري ڇني ۽ چري وارو ڪاڪوس



# شهرن ۾ ڳوٺن لاءِ صفائي

ڳوٺن ۾ شهرن ۾ صحت جا مسئلا هڪدم پکڙجي سگهن ٿا. ڳوٺن ۾ ڳتيل شهرن ۾ سرڪار، اين جي او ۽ ٻين ڀائيچارن جي مڪمل مدد ڪانسواءِ صفائيءَ جي سهولتن ۾ سڌارو آڻڻ ڏکيو ٿئي ٿو. هن ڪتاب ۾ اهڙن رڳو ڪن هدايتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪي ممڪن اپائن ڳولهڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿيون.

### شهرن ۾ صفائيءَ جي سٺين سهولتن ۾ مکيه رنڊڪون آهن:

- **طبعي:** عام طور تي صفائيءَ ڏانهن ڌيان، اوڙي پاڙي ۾ رهائشي هنڌن جي روڊن رستي، بجلي ۽ پاڻيءَ جي سهولت ڪانپوءِ ڏنو ويجي ٿو. پر جي هڪ دفعو شهر اڏجي ويجي ته پوءِ ڪاڪوسن ۾ نيڪاس سرشتي جي رٿابندي ڪرڻ ۾ اهي ٺاهڻ گهڻو ڏکيا ٿي پون ٿا.
- **معاشي:** نيڪاس سرشتوءِ عوامي ڪاڪوس ٺاهڻ ۾ سنڀالڻ هڪ مهانگو ڪم ٿئي ٿو. جيڪڏهن سرڪار نالي ماتر مدد ڪندي رهي ته صفائيءَ جو جوڳو بندوبست رکي سگهڻ ڏکيو ٿي پوي ٿو.
- **سياسي:** اهو به ممڪن ٿي سگهي ٿو ته مقامي حڪومت ڪچين آبادين ۾ غريب وسندين ۾ اهڙيون سهولتون نه ڏيڻ چاهيندي هجي ۽ ٿي سگهي ٿو ته قانون به نه چاهيندو هجي ته ماڻهو پنهنجن ڪاڪوسن ۾ نيڪاس سرشتي جي رٿابندي ڪري ۾ اهي ٺاهي سگهن.
- **ثقافتي:** عام طور تي ماڻهوءِ آفيسر چاهيندا آهن ته شهرن ۾ فلش ڪاڪوس ۾ مهانگا نيڪاس سرشتا هجن، بجاءِ ان جي ته هو وڌيڪ پائدار ۾ برداشت ڪري سگهڻ جهڙن نعم البدلن تي راضي ٿين.

## صحتمند شهرن لاءِ تخليقي/ نواڻ وارا اپاءَ

هر قسم جو ڪاڪوس، جنهن جو هن رهبر ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي، اهي شهرن ۾ ٺاهي ۾ استعمال ڪري سگهجن ٿا. جيڪڏهن صفائيءَ جي سهولتن سان گڏ باغ باغيچن، اربن فارمنگ (urban farming ڏسو ص. 310) سان وسيلن جي بحالي ۾ ريسائيڪلنگ (ڏسو باب 18) ۾ صفائي ۾ توانائيءَ جون سرگرميون به شامل ڪيون وڃن ته شهر رهڻ لاءِ وڌيڪ صحتمند ۾ دلڪش ٿي سگهن ٿا. جڏهن شهري حڪومت آسپاس جي گروپن سان گڏجي نواڻ لاءِ اپاءَ اختيار ڪري ٿي ته نتيجي ۾ اهڙا شهر صاف سٿرا ۾ صحتمند ٿي پون ٿا.



## شهري وسندين جي صفائي



اها ڪا گھڻي زماني جي ڳالھ ناهي، جڏھن يوف (Yoff) ڪي الھندي آفريڪا جي گاديءَ جي شهر، ڊاڪر جو هڪ عام شهر سمجھيو ويندو هو. اتي ماڻهو حاطن وارن گھرن ۾ رهندا هيا، جيڪي فوٽ پاٿن ۽ کليل ميدانن سان ڳنڍيل هوندا هيا. پوءِ جيئن جيئن ڊاڪر وڌندو ويو ۽ يوف آباديءَ سبب ڦاٽڻ لڳو تہ هڪ وڏيءَ شهري ايراضيءَ جو هڪ حصو بڻجي بين الاقوامي هوائي اڏي ۽ بيشمار موٽرگاڏين وارو شهر ٿي ويو.

يوف جي وڏڻ سان گھڻن گھرن ۾ فلش ڪاڪوس لڳا، جيڪي کليل کاهين ۾ وڃي ٿي پيا، جتي نيڪاس گڏ ٿيندو هو ۽ بيمارين منهن ڪيڻ شروع ڪيو. جڏهن تہ، باقي ماڻهو جيڪي گھڻا غريب ۽ ڪاڪوسن ٺهرائڻ جو خرچ برداشت ڪري نٿي سگھيا، حاجت پوري ڪرڻ لاءِ ٻاهر کليل واريا سا ميدان استعمال ڪرڻ لڳا. جيئن تہ اتي ماڻهن جو وڏو انگ ڳتيل حالت ۾ ٿي رهيو ان سبب اتي ان ڳالھ صحت جي هڪ مسئلي طور ڪر کنيو.

شهر جون ترقياتي ڪميٽيون صفائيءَ جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ گڏجي وينيون. ان لاءِ هنن سڀ کان اڳ ۾ پنهنجن وسيلن تي هڪ نظر وڌي: برادريءَ جو هڪ سگھارو تاجي پيٽو ماهر معمار ۽ ماڻهو جيڪي ڳوناٽي زندگي قائم رکڻ ۾ سچا هيا. وٽن **اڪالاجيڪل سئنيٽيشن** بابت بہ ڪجھ نوان ويچار ۽ خيال هيا.

ڳوٺ ۾ گھر، کليل علائقن چؤگرد جهڳٽن جي صورت ۾ موجود هيا، جتي ماڻهو گڏبا ۽ ڪچهريون ڪندا هيا. ڪيترن ڳوناٽن سان صلاح ڪانپوءِ ڪميٽيءَ ان کليل علائقي ۾ صفائيءَ جي هڪ سرشتي جوڙڻ جي هڪ رٿا تيار ڪئي تہ جيئن اهو علائقو بدزيبو رهڻ بجاءِ وڌيڪ دلڪش ٿي سگھي. هر گھر لاءِ الڳ ڪاڪوس ۽ زير زمين نڪاس ٽانڪيون ٺاهڻ بجاءِ سندن پروگرام وسنديءَ لاءِ اڪالاجيڪل سئنيٽيشن کي ترغيب ڏيڻ جو ٿيو.

ڪميٽيءَ، رهواسين سان گڏجي پيشاب وهائي، سُڪل رهندڙ ڪاڪوس ناهڻ ۽ اهي سڄي ويڙهي لاءِ استعمال ڪرڻ جو پروگرام جوڙيو. ڪاڪوسن جو هڪ اهڙو سرشتو جوڙيو ويو تہ جيئن سڄو پيشاب پائيپن رستي پڻ ۾ وڃي پوي، جڏهن تہ ڪرفتي، سُڪي وڃڻ ڪانپوءِ وٽن لاءِ ڀاڻ طور استعمال ڪري سگھجي. اهڙي سڄي ڪم سان سڄو ڳوٺ سرسبز ڪرڻو هيو. مقامي معمارن ۽ رازن ڪان ڪاڪوس ٺهرايا ويا ۽ گڏيل ايراضين ۾ سڏارا آندا ويا.

ايئن شهري صفائيءَ جي پروگرام رستي نہ رڳو بيمارين / صحت جي مسئلن جو بچاءُ ڪيو ويو پر ساڳئي وقت جنهن طريقي سان يوف جي رهواسين رهڻ ٿي چاهيو انهن رسمن ۽ طريقن کي بہ سانديو ويو.

# نيڪاس جو مسئلو

نيڪاس سرشتي ۾ سڄي غلاظت پاڻيءَ رستي پائيپن جي مدد سان نيڪال ڪئي ويجي ٿي. نيڪاس جي اهڙن سرشتن رستي وسنديءَ جي صحت خاص طور تي، ڳتيل شهري علائقن ۾ سڌاري سگهجي ٿي. جڏهن ته صحت جي مسئلن نه پيدا ٿيڻ لاءِ ضروري ٿئي ٿو ته، نيڪاس کي صاف (treat) ڪجي ته جيئن اهڙو پاڻي اروڳجي ويجي ۽ پاڻيءَ جي ذريعن سان شامل ڪري وري استعمال ڪري سگهجي.

**نيڪاس جي صفائي** ڪرڻ مهانگي هجڻ سبب، گهڻي ڀاڱي اهو صاف ڪرڻ بجاءِ هڪ هنڌ ڪنو ڪيو ويجي ٿو. جنهن سان گند ڪچرو ۽ هر قسم جا جيوڙا، ڪيڻائن ۽ زهريلا ڪيميائي مادا جيڪي منجهس موجود ٿي سگهن ٿا پکڙبا رهن ٿا. نتيجي ۾ اهڙن هنڌن تي هيپيٽائيٽس، ڪالرا ۽ ٽائفائيڊ جهڙا مسئلا پيدا ٿي پون ٿا.

جيتوڻيڪ مهانگا طريقا استعمال ڪري نيڪاس کي صاف ڪيو ۽ پاڻيءَ رستي خارج ڪيو ويجي ٿو تنهن هوندي به اهو طريقو پائدار ثابت نٿو ٿئي ۽ عام طور تي هيٺيان مسئلا پيدا ٿين ٿا:

- لهوارن هنڌن جي پيئڻ جي پاڻيءَ جي ذريعن جو ڪنو ٿين.
- اهڙي زمين جتي ماڻهو رهن ۽ کيتي ڪن ٿا ان جو غليظ ٿيڻ.
- کيتي لاءِ غذائي وسيلن (ڀاڻ) جي کوٽ پيدا ٿيڻ.
- پيئڻ، وهنجڻ ۽ پوکيءَ لاءِ استعمال ٿيندڙ پاڻيءَ جو ڪنو ٿيڻ.
- بدبوءِ پکڙجڻ.

جڏهن مختلف قسمن جون غلاظتون پاڻ ۾ ملن ٿيون، تڏهن نيڪاس سرشتا ڪيترن قسمن جي صحت جا مسئلا پيدا ڪن ٿا. خاص طور تي جڪڏهن ڪارخانا زهريلا ڪيميائي مادا ڪسين ۾ وهائين ٿا، جنهن سبب اهڙي پاڻيءَ کي صاف ڪرڻ ۽ صاف ڪيل گندي پاڻيءَ جو ٻيهر استعمال ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوي ٿو.

اهڙي گندي پاڻيءَ کي صاف ڪرڻ جو سلامتيءَ وارو سستو طريقو انکي پيدا ٿيندڙ هنڌ جي ويجهڙ ۾ ئي صاف ڪرڻ ۽ پوءِ اهڙي پاڻيءَ کي زمين ۾ جذب ٿيڻ ۽ ٻوٽن جي واڌ ويجهه لاءِ استعمال ڪرڻ ٿئي ٿو.

ان جو هڪ وڏ ۾ عام **طريقو سيپٽڪ ٽئنڪ** (
ٿيڻ ۽ ڳرڻ سڙڻ) ۽ **ليچ فيلڊ** (leach field
وهي زمين ۾ هلي وڃي) جو استعمال ڪرڻ ٿئ
ته هن طريقي جي استعمال ڪرڻ لاءِ فني / ٽيڪ
رٿابندي ڪرڻي پوي ٿي جيڪا هن ڪتاب ج
کان ٻاهر آهي (وڌيڪ معلومات لاءِ ڏسو ذريعا

نيڪاس سرشتي جي ڪم لاءِ جهجهي پاڻيءَ جي استعمال جي ضرورت ٿئي ٿي، جيڪو عام طور تي تمام گهٽ يا پاڻيءَ ڪانسواءِ به ڪري سگهجي ٿو. اهڙيون وسنديون جن وٽ پاڻيءَ جي کوٽ هجي ٿي يا جيڪي نيڪاس سرشتو نهرائي نٿيون سگهن، اهي ڪن ٻين قسمن جي ڪاڪوسن مان فائدو وٺي سگهن



ڪسين جي اڻ صاف غلاظت جا وڏ ۾ وڏ متاثر اهي فرد ٿين ٿا جيڪي ان جي ڳڌ ٿيل هنڌ جي آسپاس ۾ رهن ٿا.

## ماڻهو پنهنجو نيڪاس سرشتو پاڻ ناهين ٿا

ڪراچيءَ جي اورنگي علائقي ۾ 900,000 ماڻهن جي آبادي رهي ٿي. اتي ڪيترن سالن تائين نه ته پيئڻ لاءِ صاف پاڻي ۽ نه ئي صفائي يا نيڪاس جو جوڳو بندوبست موجود هيو. ڪسين جو گند ڪچرو ۽ گندو پاڻي ڪليل ۽ زمين تان وهندو وڃي ڪڏن ۾ پوندو هو جنهن سبب مکيون ۽ مڇر پيدا ٿي بيماريون پکيڙيندا رهندا هيا. سال 1980 ۾ ڊاڪٽر اختر حسين خان اورنگي پائلٽ پراجيڪٽ يا او پي پي (OPP) نالي هڪ رٿا شروع ڪئي ته جيئن رهواسي صحت جي مسئلي جي نشاندهي ڪري ۽ انهن جا اپاءَ ٻڌائي سگهجن.

اورنگيءَ جي رهواسين فيصلو ڪيو ته زير زمين نيڪاس سرشتو نهرائڻ سان اهو سندن صحت ۾ وڏو سڌارو آڻيندو. شروعات ۾ ڪين اميد هئي ته حڪومت ان تي ڪم ڪندي پر ڊاڪٽر خان کي خبر هئي ته ڪراچيءَ جي حڪومت نيڪاس سرشتي جي جوڙجڪ لاءِ ڪين ٽڪو به نه ڏيندي. گهٽي سوچ ويچار ڪانپوءِ اورنگيءَ جي رهواسين فيصلو ڪيو ته جيتوڻيڪ وٽن پئسو ناهي تنهن هوندي به هو اهڙو سرشتو پاڻ جوڙي سگهندا.

ان سلسلي ۾ پهريون قدم برادريءَ جون تنظيمون جوڙڻيون هيون. هر گهٽي جنهن ۾ 20 کان 80 گهر هيا تن کي منظم ٿي پنهنجو نيڪاس سرشتو جوڙڻو ۽ ان لاءِ او پي پي کان مدد وٺڻي هئي. او پي پي اهڙي هر گهٽيءَ جو جائزو ورتو ۽ رٿا جوڙي. پاڙي جي تنظيم، ماڻهن کان پئسا گڏ ڪري پنهنجو نيڪاس سرشتو جوڙيو.

شروعات ۾ جيئن ته گهڻن ماڻهن کي سيمينٽ جي مسالي ناهڻ يا ڪسين جي ڪڏن کوٽڻ جي ڄاڻ نه هئي جو ڪيتريون سڌيون ۽ سنوت ۾ هنيون. ان سبب ڪجهه ڪم سنيءَ طرح سان ٿي نه سگهيو. 2 سالن دوران ڪيتريون ٿهندڙ ڪسيون ناقص ته ڪيتريون جڙي ئي نه سگهيون. او پي پي کي احساس ٿيو ته هنن ان ڪم ۾ ماڻهن جي سني سکيا نه ڪئي آهي، تنهنڪري ماڻهن کي وڌيڪ سکيا ڏني ويئي ۽ سکيا جي ڪم ۾ عورتن ۽ ٻارن کي به شامل ڪيو ويو. ايئن ڪم بهتر ٿيندو ويو ۽ ڊزائن ۾ تبديليون آڻڻ سان وسنديءَ جو نيڪاس سرشتو سڌرندو ويو. خرچ گهٽ ٿيو ۽ ڪم ترت پورو ٿيندو ويو.



ڪجهه سالن اندر هر گهٽيءَ ۾ نيڪاس نالي موجود هئي، جنهن رستي ماڻهن جي گهرن کان گند نيڪال ٿيندو ٿي رهيو. آهستي آهستي اورنگيءَ جي رهواسين جي صحت ۾ ايترو سڌارو آيو جو اورنگي رهڻ لاءِ وڌيڪ دلڪش ته ٿي پيئي پر اڃان به هڪ مسئلو باقي رهيو جو اورنگيءَ جا رهواسي نيڪاس ناليون ته جوڙي ويا پر ڪين سرڪار جي سهائتا ۽ مالي مدد جي ضرورت هئي ته جيئن هو غلاظت صاف ڪرڻ جي هڪ مشين (treatment plant) هٿي سگهن. پر سرڪار ڪين پئسا نه ڏنا. گهڻن سالن ڪانپوءِ سرڪار انجو هڪ سستو حل ڳولهي ڪڍيو ۽ مالي سهائتا ڪئي. هنن ڪسين کي هڪ ڇاڻيندڙ سرشتي سان ڳنڍيو جيڪو لهواري وهڻ دوران پاڻي صاف ڪندو ٿي رهيو. ايئن گڏجي سڏجي پنهنجيون ڪسيون ناهي برادريءَ پهريون پر هڪ اهم قدم کنيو. او پي پي، حڪومت ۽ ڪيترن ماهرن کي فخر سان اهو ڪم ڏيکاري منجهن اتساهه پيدا ڪري سگهي ته مقامي نيڪاس سرشتو جوڙي نه رڳو گهٽي حد تائين ڪنهن وسنديءَ جي صحت سڌاري سگهجي ٿي پر سندن ضرورتون پوريون ۽ لياقتن کي به استعمال ڪري سگهجي ٿو.

# ڪاڪوس جي مڪياري

جيئن ته ڪنهن به قسم جو ڪاڪوس هر وسنديءَ يا گهر لاءِ موزون ثابت ٿي نٿو سگهي، تنهنڪري ضروري ٿئي ٿو ته هر قسم جي ڪاڪوس جي فائدن کي ڏٺو وڃي. نيڪاس سرشتي سان ڳنڍجندڙ ڪاڪوس ٺاهڻ پيچيده ٿين ٿا. تنهنڪري هن ڪتاب ۾ رڳو اهڙن ڪاڪوسن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جن لاءِ ٿورڙو يا بنهه پاڻي استعمال ڪرڻو نٿو پوي (ص. 138 تي ڏنل سرگرمي توهانکي اهو فيصلو ڪرڻ ۾ مدد ڏيئي سگهي ٿي ته توهانجي برادريءَ جي ضرورتن لاءِ ڪهڙي قسم جو ڪاڪوس بهتر ٿي سگهي ٿو).

## جن ڪاڪوسن لاءِ ٿورڙو يا بنهه پاڻي استعمال ڪرڻو پوي



**وٽڻ پوکڻ لاءِ سادو ڪامپوسٽ ڪاڪوس**
(Simple compost toilet)
اهڙن هنڌن لاءِ بهتر ٿي سگهي ٿو جتي ماڻهو وڻ پوکڻ ۾ ڪاڪوس هڪ هنڌان ٻئي هنڌ رکڻ چاهيندا هجن.
(ڏسو ص. 126).



**پيشاب وهائي سڪل رهندڙ ڪاڪوس**
(Urine diverting dry toilet)
اهڙن هنڌن لاءِ بهتر ٿي سگهي ٿو جتي ماڻهو صاف ڪيل انساني ڪرفتي ياڻ طور استعمال ڪرڻ چاهيندا هجن ۽ جتي جڙ مٽي يا ٻوڏ اچڻ جو خطرو رهندڙ هجي.
(ڏسو ص. 129).



**ٻن کڏن وارو ڪامپوسٽ ڪاڪوس**
(2pit compost toilet)
اهڙن هنڌن لاءِ بهتر ٿي سگهي ٿو جتي ماڻهو صاف ڪيل انساني ڪرفتي ياڻ طور استعمال ڪرڻ چاهيندا هجن.
(ڏسو ص. 128).



**فلش ڪاڪوس**
(Pour flush toilet)
اهڙن هنڌن لاءِ بهتر ٿي سگهي ٿو جتي جڙ اونهو هجي ۽ ماڻهو پيتان ويهڻ کانپوءِ پاڻي پاڻيءَ رستي ڌوئي صاف ڪندا هجن (ڏسو ص. 136).



**وينٽيليٽيڊ امپروو پٽ ٽوائليٽ**
(VIP pit toilet)
اهڙن هنڌن لاءِ بهتر ٿي سگهي ٿو جتي جڙ اونهو ۽ ٻوڏ جو خطرو نه هجي (ڏسو ص. 123).



**ڍڪيل کڏن وارو ڪاڪوس**
(Closed pit toilet)
اهڙن هنڌن لاءِ بهتر ٿي سگهي ٿو جتي جڙ اونهو ۽ ٻوڏ جو خطرو نه هجي (ڏسو ص. 120)

**نوٽ:** هت ڏيکاريل سيني ڪاڪوسن ۾ نه ته دروازا ۽ نه ئي ڇلهن تي ڍڪ آهن، جنهن سبب توهان ڏسي سگهو ٿا ته اندران ڪيئن نظر اچن ٿا. سيني ڪاڪوسن کي دروازا ۽ ڇلهن کي ڍڪ هجڻ گهرجن ته جيئن، استعمال نه ٿيڻ جي حالت ۾ اهي بند ڪري ۽ ڍڪي ڇڏجن. ان کانسواءِ ڪاڪوس اهڙا ٺاهڻ گهرجن، جيڪي برادريءَ جو هر فرد استعمال ڪري سگهي (ڏسو ص. 111).




## ڪو ڪاڪوس ڪٿ

ڪنهن بہ ڪاڪوس ٺاهڻ ج
فيصلي ڪرڻ وقت پڪ
ڪريو تہ اهو اهڙي هنڌ ٺاهيو
وڃي ٿو جتان کوهہ يا جَر جو
ڪنو ٿي نہ سگهي. جڏهن تہ
ڪني ٿيڻ جو مدار مقامي حا
ٿئي ٿو جهڙوڪ: مٽيءَ جو قس
علائقي ۾ گهم جو مقدار ۽ جَر
پاڻيءَ جي اونهائي. اهڙن ڪر
اصولن هيٺ اها پڪ ڪري
سگهجي ٿي تہ اهڙيون حالتون صحيح آهن يا نہ.

ڪڏي جو ترو (جيڪڏهن ڪڏي وارو ڪاڪوس آهي) يا خانو (جيڪڏهن خشڪ يا ڪامپوسٽ ڪاڪوس آهي) جَر جي پاڻيءَ کان گهٽ ۾ گهٽ اڌائي ميٽرن کان مٿي هجڻ گهرجي. جيڪڏهن توهان ڪاڪوس لاءِ کڏ کوٽيو ۽ مٽي گهٽي گهميل يا جڏهن کڏ پاڻيءَ سان ڀرجي وڃي تہ اهڙو هنڌ ڪاڪوس ٺاهڻ لاءِ خراب آهي. اها ڳالهہ بہ ياد رکو تہ مينهوڳيءَ ۾ جَر گهڻو مٿاهون هجي ٿو بنسبت خشڪ موسم جي تنهنڪري اهڙي هنڌ / زمين تي ڪڏي وارو ڪاڪوس نہ ٺاهجي، جو اهو ڀڏي وڃي ٿو.

جيڪڏهن کڏن وارن ڪاڪوسن سبب جَر جي پاڻيءَ جي غليظ ٿيڻ جو امڪان هجي، تڏهن ڪاڪوس زمين کان مٿي ٺاهڻ لاءِ سوچجي (جهڙوڪ: خشڪ ڪاڪوس ڏسو ص. 129).

جَر جو پاڻي هميشہ هيٺاهين ڏانهن وهي ٿو. تنهنڪري، اهڙين حالتن ۾ جڏهن جَر جي پاڻيءَ جي غليظ ٿيڻ جي امڪان ڪانسواءِ ٻي ڪا مکياري نہ هجي، تڏهن ڪاڪوس ويجهن کوهن کان لهوارو ٺاهجي.





## بند کڏن وارا ڪاڪوس

بند کڏي واري ڪاڪوس ۾ هڪ ڍڪو ڍڪي ۾ هڪ سوراخ ۽ سوراخ کي ڍڪڻ لاءِ هڪ ڍڪ ٿئي ٿو ته جيئن استعمال ۾ نه هجڻ واريءَ حالت ۾ اهو بند ڪري ڇڏجي. ڍڪو ڪاٺي، سيمينٽ يا بٺ جو ٺاهي انکي مٽيءَ سان ڍَڪي سگهجي ٿو. سيمينٽ جي ڍڪي سبب پاڻي نٿو بيهي ۽ ڍڪو سالن جا سال هلي ٿو. بند کڏي واري ڪاڪوس کي به سيمينٽ جو پلستر ڪري يا سيمينٽ جو گول بيم ڏيئي ڇڏجي ته جيئن ڍڪو يا کڏ ويهجي نه سگهي (سيمينٽ جو ڍڪو ۽ بيم ٺاهڻ لاءِ ڏسو ص. 121 ۽ 122).

هوادار کڏي وارو (VIP) ڪاڪوس جهڙو هڪ ص. 123 تي ڏيکاريل آهي منجهس هوا جي گذر لاءِ هڪ پائيپ ۽ ان رستي بدبوءِ ۽ مکين کان بچاءُ ٿئي ٿو.

کڏي واري ڪاڪوس سان هڪ مسئلو هي ٿئي ٿو ته ان جي ڀرجي وڃڻ ڪانپوءِ اهڙو ڪاڪوس وڌيڪ استعمال ڪري نٿو سگهجي. اهڙي کڏي جي ڀرجي وڃڻ ڪانپوءِ ان مان هڪ فائدو هي وٺي سگهجي ٿو ته انجي ڀرسان هڪ وڻ پوکي ڇڏجي. وڻ پوکڻ لاءِ ڍڪو گول بيم ۽ ڇجو/ ڇپر وغيره هٽائي گند کي 30 س.م (2 چپا) مٽيءَ سان، جنهن ۾ ٻوٽن جو سُڪل مادو مليل هجي، ڍَڪي ڇڏجي. اهڙي گند کي ڪيترن مهينن تائين ڇڏي ڏجي. وڌيڪ مٽي وجهبي رهجي ۽ وڻ پوکي ڇڏجي.

ٻي مکياري هيءَ آهي ته، کڏي جي استعمال دوران منجهس وڌيڪ مٽي ملائبي رهجي ۽ 2 سالن تائين ڇڏي ڏجي ته جيئن گند ڳري سڙي وڃي. پوءِ اهو گند ڪڍي ياڻ طور ته کڏ به وري استعمال ڪري سگهجي ٿو. ڪاڪوس جي آسپاس واري مٽيءَ کي هٿ لائڻ يا کوٽڻ ڪانپوءِ هميشه هٿ ملي ڌوئي صاف ڪري ڇڏجن.



### بند کڏي وارو ڪاڪ

1. کڏ 1 ميٽر کان گه
کوٽيو.

2. کڏي جي مٿئين حص
ڪنهن مواد سان ڀرءِ
جهل ۽ کڏي کي ڪُهر
بچاءُ ملندو رهي. ان
سيمينٽ جو گول بيم
ڏيڻ سنو ٿئي ٿو (ڏسو
ص. 122).

3. کڏي لاءِ هڪ ڍڪو ۽
مٿان ڇپر ٺاهي ڇڏيو
سيمينٽ جو ڍڪو به
مقامي مواد جهڙوڪ
هلائي سگهجي ٿو. ج
اهڙا جيڪي جلد ڳر



**سيٽ جي سانچي ٺاهڻ لاءِ** ٻن مختلف سائيزن جون باٽليون استعمال ڪريو. جنهن مان هڪ ۾ وجي سگهي. هڪ، ٻيءَ ۾ وجهڻ ڪانپوءِ اندرين ۽ ٻاهرين باٽليءَ جي پاسن کان ڪجھ انچ جي وٿي هجڻ گهرجي. اندرين باٽليءَ ۾ پٿر يا سروٽا وجهي ڇڏيو تہ جيئن اها تري ۾ رهي. ٻنهي باٽلن جي وچ واري وٿيءَ کي سيمينٽ سان ڀريو.

## سيمينٽ جو گول بيم ڪيئن ٺاهجي؟

اهڙو بيم چورسو يا گول سيمينٽ جي ڪارب جو جنهن جو وچون حصو کليل ڪاڪوس جي ڍڪڻ ۽ ڇني کي سهارو ڏيندڙ هجي ۽ کڏي جي پتين کي جُهرڻ کان بچائي ٿو. هت جنهن گول بيم جي ڳالھ ڪئي ويئي آهي، اهو صفحي 121 تي ڪڏن وارن ڪاڪوسن جي ڍڪن لاءِ بہ استعمال ڪري سگهجي ٿو. توهانکي گول بيم ڪيتري سائيز جو ٺاهڻو آهي، اِهو مدار کڏي جي موڪر آهر ٿئي ٿو.



بيم لاءِ سانچو ٺاهڻ

1. ڪنهن سڌي پٽ تي سيمينٽ جون خالي ٻوريون يا پلاسٽ جي شيٽ وڇايو.
2. سرن، ڪاٺيءَ يا ٻنهي جو ڪارب ٺاهيو. جيڪڏهن ڍڪو 120 X 90 س. آهي تہ انجو گول بيم ٻاهران 130س. ميٽر X 1 ميٽر تہ اندران 1 ميٽر X 70 س ٿيندو.



سيمينٽ وجهڻ

3. سيمينٽ جو مسالو ٺاهيو: 1 حصو سيمينٽ، 2 حصا روڙو ۽ 3 حصا بجري ۾ منجهس ايترو پاڻي ملايو تہ جيئن اهو گهٽو پترو نہ ٿئي. ڪارب کي سيمينٽ سان اڌ تائين ڀري ڇڏيو.
4. 3 م.م ٿلهي سرئي جا بہ ٽڪرا، گول بيم جي مٿين هر پاسي کا وجهو. چاهيو تہ سريي جا 8 کان 10 م.م ٿلها هٿيا بہ ٺاهي، اهي ڪ پرسان سيمينٽ ۾ وجهي سگهو ٿا.



سريي سان مضبوط ڪرڻ

5. باقي سيمينٽ وجهي انکي ڪاٺ جي مالهي سان سڌو ڪري ڇڏيو.
6. سيمينٽ سُڪڻ شروع ٿئي تہ ان کي آلين ٻورين/ ڪتن/ ڪپڙي سان سجي رات ڍڪي ڇڏيو. روزانو 7 ڏينهن تائين ڪيترائي دفعا ترائي ڪندا رهوس تہ جيئن گهميل رهي.
7. جڏهن گول بيم سُڪي مضبوط ٿي وڃ ڪاڪوس واري هنڌ تي آڻي رکو. زمين ج سنوت ڪريو. گول بيم رکو ۽ منجهس هڪ کڏو کوٽيو. بيم ٻاهران چوگرد مٽيءَ کي سٺي طرح سان ويهاري/ ڌمڪ هڻي ڇڏيو.



8. ڪاڪوس جو پليٽ فارم رکي مٿان ڇپر ٺاهي ڇڏيو.



# بهتر هوادار کڏن وارا ڪاڪوس (VIP)

وي آءِ پي ڪاڪوس بند ٿين ٿا ۽ منجهن بدبوءِ ۽ مکيون نٿيون ٿين.

## وي آءِ پي ڪيئن ڪم ڪري ٿو؟

هوادان پائيپ مٿان هوا لڳندي بدبوءِ خارج ڪندي رهي ٿي. ڇپر سبب ڪاڪوس اونداهو رهي ٿو جنهنڪري مکيون چلهي ڏانهن وڃڻ بجاءِ پائيپ جي مٿئين ڇيڙي، روشني ڏانهن وڃي جاري ۾ ڦاسي مري وڃن ٿيون.

## وي آءِ پي ڪاڪوس ٺاهڻ

1. هڪ 2 ميٽر اونهو ۽ ڏيڍ ميٽر موڪرو کڏو کوٽيو. کڏي جي مٿئين حصي کي سرن جي اوساريءَ يا سيمينٽ جي گول بيم سان بند ڪري ڇڏيو (ڏسو ص. 122). جيڪڏهن ڇپر ڀوروءَ مضبوط ٺاهڻو (سرن، سيمينٽ يا لڪڙن) آهي ته کڏي جي سوراخ کي، سواءِ تري جي استر ڪري ڇڏيو. سرن جي وچ وارين وٿين/ درزن کي خالي ڇڏي ... پاڻيٺ وهندي رهي.




2. هڪ اهڙو ڍڪو ٺاهيو (ڏسو ص. 21... جيڪو ڏيڍ ميٽر x 1 ميٽر ۽ منجهس 2 سوراخ هجن. هيو سوراخ ڍڪي جي ڪناري ويجهو هوادان پائيپ لاءِ ٺئي ٿو. هوادان پائيپ جو سوراخ 11 س.م کان ننڍو نه هجڻ گهرجي.
3. کڏيءَ ڍڪي مٿان هڪ ڇپر ٺاهي ڇڏيو.
4. هوادان پائيپ جيڪو گهٽ ۾ گهٽ 11 س.م موڪرو هجي، ننڍي سوراخ ۾ ڇڳيءَ طرح سان ڦٻائي ويهاريو. هوادان پائيپ کي ڪارو رنگ ڪري ڇڏيو ته جيئن گرمي جذب ڪري ۽ منجهانئس هوا جو سنو گذر ٿي سگهي. هوادان پائيپ جو مٿيون حصو مڇرن واري جاريءَ (اليومينيم يا اسٽين ليس اسٽيل جي گهڻو وقت هلندي) سان بند ڪري ڇڏيو. پائيپ، ڇت کان گهٽ ۾ گهٽ 50 س.م مٿي ڪري ڇڏيو ته جيئن هوا رستي بدبوءِ خارج ٿي سگهي.




## وي آءِ پي ڪاڪوس جو استعمال ۽ سنڀال

- جڏهن استعمال ۾ نه هجي ته سوراخ بند ڪري ڇڏجي
- ڇپر اندران اونداهون رکجي
- ڪاڪوس کي صاف ۽ ڍڪي کي هر هر ڌوئبو رهجي

جيڪڏهن هوادان پائيپ، ڪوريئڙن جي ڄار سبب بند ٿي وڃي ته منـ پاڻي هاريو رهجي

## وي آءِ پي ڪاڪوسن جا هيٺيان مسئلا ٿي سگهن ٿا:

جيڪڏهن ڇنو گهڻو اونداهون نه هوندو يا سوراخ کليل ڇڏي ڏبو ته مکيون پا... وڃي نه سگهنديون ۽ جيڪڏهن ڇني کي ڇت نه هوندي يا جاري ٽٽي پوند... هوادان پائيپ مان نڪري پوندو ته مکين تي مڙيوئي ڪو ضابطو رهندو.

# اِڪالاجيڪل ڪاڪوس

اڪالاجيڪل ڪاڪوسن جي ڪرفتي ۾ پيشاب، مٽيءَ کي بهتر ڪري ڀاڻ ۾ مٽائي ڇڏي ٿو جنهن سبب جيوڙا پکڙجي نٿا سگهن ۽ هاجيڪار غلاظت هڪ ڪارائتي عمل ذريعي تبديل ٿي وڃڻ سان ماڻهن ۽ ماحول جي صحت ۾ سڌارو اچي ٿو.

اِڪالاجيڪل ڪاڪوسن سان پاڻيءَ جي بچت ۾ سانڍ ٿئي ٿي. ڇاڪاڻ ته انهن جي استعمال لاءِ پاڻي استعمال ڪرڻو نٿو پوي سواءِ ڏوپ ڪرڻ جي. اهي ٻين قسمن جي ڪاڪوسن کان جَر لاءِ سلامتيءَ وارا ٿين ٿا، جو زمين کان مٿي ٿين ۽ انهن لاءِ تراڪڙا ڪڏا استعمال ٿين ٿا.

اِڪالاجيڪل ڪاڪوس شهرن، ڳوٺن ۽ واهڻن ۾ استعمال ڪري سگهجن ٿا. جڏهن ته ڪڏن وارن ڪاڪوسن جي پيٽ ۾ انهن جي وڌيڪ سنڀال لهڻي پوي ٿي (پر ايتري به نه جيتري پور فلش ڪاڪوسن جي) تنهنڪري ضروري ٿئي ٿو ته ماڻهن کي انهن جي ڪم ڪرڻ جي طريقي جي ڄاڻ هجڻ گهرجي.

### غلاظت کي ڀاڻ ۾ تبديل ڪرڻ

ڪنهن به زرخيز ۽ صحتمند زمين کي نامياتي (organic matter، ٻوٽن ۽ ٻين جاندارن جي مرڻ ۽ سڙڻ کانپوءِ باقي بچيل مادو) مادي جي ضرورت پوندي رهي ٿي. نامياتي مادي جي اهڙي قدرتي طريقي سان زمين ۾ ڳرڻ سڙڻ کي ڪامپوسٽنگ سڏجي ٿو (ڏسو ص. 287).




**اڪالاجيڪل/ ماحولياتي صفائي، غلاظت کي هڪ وسيلي ۾ مٽائي ڇڏي ٿي.**

آبادگار، ڪاڏي جي ڪچري ۽ انساني پاڻ مان ڪامپوسٽ ٺاهي اهو زمين سان ملائي ڇڏين ٿا. جيڪو زمين کي **غذائي جزن** سان مالامال ڪري فصل جي پيداوار وڌائي ٿو. جيئن ماڻهن کي سگهارپ ۽ صحتمند رهڻ لاءِ کاڌي جي غذائي جزن جي ضرورت ٿئي ٿي، تيئن ٻوٽن کي واڌ ويجهه ڪرڻ ۽ ميوي ڏيڻ لاءِ زمين جي غذائي جزن جي گهرج ٿئي ٿي.

انساني غلاظت مان به پاڻ ٺاهي سگهجي ٿو ڇو ته منجهس اهڙا جزا ٿين ٿا، جيڪي زمين جي زرخيزي وڌائڻ لاءِ استعمال ڪري سگهجن ٿا. جڏهن ته، ساڳئي وقت منجهس بيماريون پيدا ڪندڙ جيوڙا به ٿين ٿا. اهوئي سبب آهي جو انساني غلاظت مان پاڻ ٺاهڻ لاءِ وڌيڪ ڌيان ڏيڻ جي ضرورت ٿئي ٿي، بنسبت جانورن جي پاڻ ۽ ڪاڏي جي ڪچري رستي ڪامپوسٽ ٺاهڻ جي.

ڪرفتي ڪڏهن به تازي استعمال ڪرڻ نه گهرجي. پر هڪ دفعو اها پاڻ ۾ متجي وڃي ته پوءِ بنا ڪنڪي پاڇين، وڻن ٽڻن ۽ ٻين فصلن اپائڻ لاءِ ڪنهن به ڪيميائي پاڻ بجاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿي.

ڪرفتيءَ جي پيٽ ۾ پيشاب ۾ گهٽ جيوڙا ته ڪرفتيءَ کان وڌيڪ غذائي جزا ٿين ٿا، جنهن سبب اهو وڌيڪ سلامتيءَ وارو ۽ هڪ تمام ڪارائتو پاڻ ٿئي ٿو. جڏهن ته، ان جو ٻوٽن لاءِ سڌو سنئون استعمال ڪرڻ گهٽو ساڙيندڙ هجڻ سبب ان کي اڳ ۾ خاص طريقن سان صاف ڪيو وڃي ٿو (ڏسو ص. 134).

## ڪامپوسٽ ڪاڪوس ۽ پيشاب وهائي خشڪ رهندڙ ڪاڪوس

اِڪالاجيڪل ڪاڪوس 2 قسمن جا ٿين ٿا: "ڪامپوسٽ ڪاڪوس" ۽ "پيشاب وهائي خشڪ رهندڙ ڪاڪوس". ٻنهي قسمن جي ڪاڪوسن مان سٺو پاڻ ٺاهي سگهجي ٿو. ڪيترا ماڻهو ٻنهي قسمن جي ڪاڪوسن کي "ڪامپوسٽ ڪاڪوس" سڏين ٿا. جڏهن ته ٻنهي ۾ ڪي اهم فرق ٿين ٿا.

**ڪامپوسٽ ڪاڪوس ۾:**

- ڪرفتي ۽ پيشاب هڪ هنڌ ڪنهن تراڪڙي کڏ يا سيمينٽ جي هڪ اهڙي وڏي ٽانڪيءَ ۾ گڏ ٿيندو رهي ٿو جيڪا زمين ۾ سمي نٿي سگهي.
- استعمال ڪندڙ هر دفعي جي استعمال ڪرڻ کانپوءِ منجهس سڪل مواد جهڙوڪ: ٻن، ٻهه، پلال، ٻورو، مٽي ۽ خاڪ وغيره وجهندو رهي ٿو جنهن سان بدبوءِ نٽي ٿئي ۽ غلاظت کي ڳاري ساڙي ڪامپوسٽ ۾ تبديل ڪري ڇڏي ٿو.
- وقت سان گڏ منجهس موجود ڪيترائي جيوڙا، ڪيئنان ۽ انهن جا آنا (جيڪي ڏکيائيءَ سان ناس ٿين ٿا) مري ختم ٿي وڃن ٿا.
- اهڙي مواد کي ڪرفتيءَ ۾ موجود جيوڙن کي ناس ڪرڻ لاءِ هڪ ڊگهو وقت ملي ٿو (عام طور تي هڪ سال) ان کانپوءِ اهڙو سُڪل مواد ڪڍي پاڻ طور استعمال ڪيو وڃي ٿو.

**خشڪ ڪاڪوس ۾:**

- پيشاب ڪرفتيءَ کان الڳ گڏ ڪري (ڏسو ص. 129) هڪ عمل مان گذارڻ کانپوءِ پاڻ طور استعمال ڪيو وڃي ٿو.
- ڪرفتي، سيمينٽ جي هڪ وڏي دٻي يا پلاسٽڪ جي ڪنهن نهري دٻي ۾ جيڪو چوري پوري سگهجي ۽ زمين ۾ سمنڊڙ يا وهندڙ نه هجي، گڏ ڪيو وڃي ٿو.
- استعمال ڪندڙ هر پيري جي استعمال کانپوءِ منجهس مٽي مليل ٻوٽن جو سُڪل مواد ۽ خاڪ، ڪرفتيءَ سان ملائي ٿو جنهن سان بدبوءِ نٽي ٿئي ۽ غلاظت کي خشڪ ٿيڻ ۾ مدد ڪري ٿو.
- ڪرفتي پاڻيءَ سان ڪڏهن به ملي نٽي سگهي. سُڪل مواد ملائڻ سان ڪيترن جيوڙن ۽ ڪيئنن سميت انهن جا آنا به ناس ٿي وڃن ٿا.
- اٽڪل سال لاءِ ڪرفتيءَ کي تيسيتائين رکيو وڃي ٿو جيسيتائين مٽيءَ جهڙي ٿي نٽي وڃي.

هنن ٻنهي قسمن جي ڪاڪوسن جي پراڻي گاڏڙ ڪرفتي، هڪ سال کانپوءِ ڪامپوسٽ ڍير سان ملائي، وڻ پوکڻ لاءِ ڪنهن تراڪڙي کڏي ۾ وجهي يا سنئين سڌي مٽيءَ سان ملائي وٽڪاريءَ لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿي.




## خشڪ ڪاڪوس مقامي معيشيت کي زور وٺائين ٿا

مورلاس (Morelos)، ميڪسيڪو جي گهٽڻ ڳوٺن ۾ ڪيترا ماڻهو اڪالاجيڪل ڪاڪوس استعمال ڪن ٿا. اهڙي هڪ ويجهي ڳوٺ لاسينيگا ۾ ته خشڪ ڪاڪوسن جي سخت گهرج محسوس ڪئي وڃي ٿي. ڇاڪاڻ ته، اهو هڪ اهڙي آلي ۽ هيٺاهين هنڌ تي آهي، جتي ڪڏن وارا ڪاڪوس سولائيءَ سان پاڻيءَ سان پرجي وڃن ٿا. ان مسئلي جي اپاءَ طور برادريءَ وارن هڪ خاص قسم جو اهڙو چلهو خريد ڪيو، جنهن ۾ ڪرفتي پيشاب ڪان الڳ ٿيندي ٿي رهي. ڪاڪوسن جا اهڙا چلها نندين ورڪشاپن ۾ مقامي ڪاريگر ٺاهين ٿا. ڪاريگر برادريءَ جي ماڻهن کي اهڙن چلهن ٺاهڻ جي سکيا ڏين ٿا.

لاسينيگا جا ڪيترائي ماڻهو ميويدار وڻن ۽ ٻين ٻوٽن جو ميوو وڪڻي پنهنجو گذر سفر ڪندا رهن ٿا. اهي آسپاس جا ڀهريان ماڻهو هيا، جنڪي خبر پيئي ته اهي پنهنجن خشڪ ڪاڪوسن جو پيشاب ۽ ڪامپوسٽ پنهنجي وڻن ٽڻن لاءِ استعمال ڪري سگهن ٿا. جڏهن، وسنديءَ جي ٻين ماڻهن، وڻن کي مچندو ۽ تندرست رهندي ڏٺو ته هنن به اهڙا ڪاڪوس استعمال ڪرڻ جي خواهش ڪئي، جن رستي کين مفت ۾ ياڻ حاصل ٿِي، ٿي سگهيو.

هاڻ، لاسينيگا جو اٽڪل هر ڪٽنب اهي ئي ڪاڪوس استعمال ڪري ٿو. مقامي ڪارخاني ۾ اهي ٺاهيا وڃن ٿا ته برادري اڳي ڪان وڌيڪ صحتمند ۽ سُکي زندگي گذاري ٿي.

## وڻن پوکڻ لاءِ هڪ سادو ڪامپوسٽ ڪاڪوس

هن قسم جي ڪاڪوس ۾ ٺهندڙ ياڻ، وڻن پوکڻ لاءِ استعمال. ٺاهڻ ۾ سولو ۽ اهڙيءَ طرح سان جوڙيو وڃي ٿو جو جڏهن کڏو پرجي وڃي ٿو ته، ڇپر سولائيءَ سان هڪ هنڌان کڻي ٻئي هنڌ استعمال ڪري سگهجي ٿو.

هي ڪاڪوس اهڙي هنڌ لاءِ بهترين ٿئي ٿو جتي جاءِ هجڻ سان گڏ وڻن پوکڻ جي خواهش هجي ٿي. اهڙا هنڌ جتي جَر جو پاڻي مٿي هجي اتي پڻ ٺاهڻ سنو ثابت ٿئي ٿو جو اتي کڏو تراکڙو ٿئي ٿو. ڪاڪوسن جي کڏ کي مٽيءَ سان پري ڇڏڻ ۽ وڻ پوکڻ سان اهڙي غلاظت ڪامپوسٽ ۾ مٽجي وڃي ٿي.

کنهن به ميويدار وڻن جي باغ يا ٻين ڪارائتن وڻن پوکڻ لاءِ هن قسم جي ڪاڪوسن رستي زبردست شروعات ڪري سگهجي ٿي. جيڪڏهن توهان وڻ پوکڻ نٿا چاهيو ته، کنهن ٻئي قسم جو ڪاڪوس ٺاهيو.



## وڻن پوکڻ لاءِ هڪ سادو ڪاڪوس جوڙڻ

جتي توهان ڪاڪوس ٺاهڻ چاهيو ٿا، اتي زمين ٽڪري کي سڌو ڪري سيمينٽ جو گول بيم رکي ڇڏيو (ڏسو ص. 122)، بيم اندر هڪ ميٽر اونهي کڏ کوٽيو. گول بيم کي پنهنجي جاءِ تي پختو ڪري ڇڏيو. هڪ دڪو ٺاهي کڏي ۽ گول بيم مٿان رکي ڇڏيو. مٿان، نويڪلائيءَ لاءِ هڪ اهڙو ڇپر ٺاهيو جيڪو هٽائڻ ۾ سولو هجي.



**هن قسم جي ڪاڪوس جو استعمال ڪرڻ ۽ سنڀالڻ لهڻ**

- استعمال ڪرڻ کان اڳ کڏي ۾ سُڪل پن يا پلال وغيره وجهي ڇڏيو، سان ڪرفتي کي ڳرڻ سڙڻ ۾ مدد ملندي.
- هر ڀيري جي استعمال کانپوءِ ٻُڪ کن مٽي جنهن ۾ خاڪ سڪل پن مليل هجن وجهندا رهو.
- جڏهن ڍير گهڻو وڏو ٿي وڃي ته ڪاٺيءَ سان گُڏي ڇڏيوس.
- دڪي کي هر هر ڌوئي ٻهاري سان صاف ڪندا رهو. ڍيان ڏيو ته جيئن کڏي ۾ گهڻو پاڻي وڃي نه سگهي.
- جڏهن سوراخ پرجڻ تي هجي ته ڇپر، دڪو ۽ گول بيم هٽائي ڇڏيو.
- سوراخ کي 15 س.م مٽيءَ مليل ٻوٽن جي مواد سان ڀري ڇڏيو. هفتن کانپوءِ غلاظت ويهڻ شروع ٿيندي. منجهس وڏيڪ مٽي، ٻوٽن جو مواد ۽ پاڻي وجهي هڪ وڻ پوکي ڇڏيو. ميويدار وڻ سٺي واڌ ڪري سنوءِ جهجهو ميوو جهلي ٿو.
- ڇپر، دڪو ۽ گول بيم ڪنهن ٻئي هنڌ کٽي وڃو اتي هڪ نئون کڏو کوٽيو ۽ ساڳيو ڪم ورجايو.

## پيشاب وهائي خشڪ رهندڙ ڪاڪوس

خشڪ ڪاڪوسن ۾ ڪڏا استعمال نٿا ٿين. جيئن تہ اهي زمين جي سطح کان مٿي ٺاهيا وڃن ٿا، تنهنڪري انهن جو مواد ڪيڻ ۾ سولو ٿئي ٿو. منجهن موجود گيندبيءَ ۾ ٻہ الڳ الڳ خانا ٿين ٿا جيڪي پيشاب کي ڪرفتيءَ کان الڳ ڪري ڇڏين ٿا. ڪاڪوس جو مواد خشڪ رهڻ سبب جيوڙا مري وڃن ٿا ۽ بدبوءِ گهٽجي وڃي ٿي ۽ پيشاب ڀاڻ طور استعمال ڪري سگهجي ٿو. جيئن تہ زمين کان مٿي ڪري ٺاهيا وڃن ٿا ۽ تري کي استر ڪيو وڃي ٿو، تنهنڪري سٺيءَ طرح سان خشڪ رهندڙ ڪاڪوسن سبب جَر جو پاڻي غليظ ٿي نٿو سگهي.

ڪڏي وارن ڪاڪوسن جي ڀيٽ ۾ خشڪ ڪاڪوس ٺاهڻ مهانگا ٿين ٿا. انهن جي سلامتيءَ وارن طريقن سان استعمال ڪرڻ لاءِ سکيا وٺڻي پوي ٿي. چاڪاڻ تہ، اهي ڪڏن ۽ فلش وارن ڪاڪوسن کان ٻيءَ طرح سان ڪم ڪن ٿا ۽ انهن کي سٺيءَ حالت ۾ رکڻ لاءِ ڪجهہ ڪم ڪرڻو پوي ٿو. جڏهن تہ انهن ماڻهن لاءِ ڏاڍا سٺا ٿين ٿا، جيڪي پنهنجي غلاظت مان ڀاڻ پيدا ڪرڻ چاهين ٿا. ساڳي طرح سان اهڙن هنڌن لاءِ سٺا ثابت ٿين ٿا جتي:

- ڪڏن وارن ڪاڪوسن جي حالت ۾ جَر جو پاڻي گهڻو مٿي هجي ٿو
- عام طور تي ٻوڏون اينديون رهن ٿيون
- زمين کوٽڻ ۾ گهڻي سخت ٿئي ٿي
- ماڻهو پنهنجن گهرن يا ويجهڙ ۾ هڪ دائمي ڪاڪوس چاهين ٿا

## 2 خانن وارا خشڪ ڪاڪوس

هن قسم جي خشڪ ڪاڪوسن ۾ 2 خانا ٿين ٿا، جتي ڪرفتي ڳري سڙي ڀاڻ ۾ مٽجي وڃي ٿي. هن ڪاڪوس جو رڳو هڪ حصو ڪاڪوس طور استعمال ڪيو وڃي ٿو جڏهن تہ ٻئي پاسي ۾ ڪرفتي خشڪ ٿيندي ڳرندي سڙندي رهي ٿي. هن ۾ هڪ خاص قسم جي گيندبي جيڪا عورتون ۽ مرد ٻئي استعمال ڪن ٿا، پيشاب کي ڪرفتيءَ کان الڳ ڪندي رهي ٿي. پيشاب هڪ نلڪي رستي ڪاڪوس کان ٻاهر هڪ ٿانوَ ۾ وهي وڃي ٿو. اٽڪل 1 سال ڪانپوءِ خشڪ ڪرفتي ڪيڙي ڪامپوسٽ ڍير سان ملائي، کيت يا باغ ۾ استعمال ڪئي وڃي ٿي. گڏ ٿيل پيشاب پاڻيءَ سان ملائي ڀاڻ طور استعمال ڪيو وڃي ٿو (ڏسو ص. 134).

### 2 خانن واري خشڪ ڪاڪوس جا حصا



ٿنهي قسمن لاءِ ڇپر ۽ ڍاڪا ٺاهيو. پوئين پاسي تي در هٽو (سليب ويهارڻ لاءِ ڳچ سنو ڪم ڪري ٿو) پيشاب ڦيرائيندڙ نلڪي ڪاڪوس مان ڦيرائي ڪنهن ٿانو وهندڙ ڪڏي يا باغيچي ڏانهن ڪري ڇڏيو ته جيئن مٽي زرخيز ٿي سگهي.

ڍڪو تيار ڪرڻ

ڇپر ٺاهڻ



ڍڪي تي اوڪڙو ويهڻ لاءِ هڪ ڊگهو سوراخ ڪريو جنهن جي وچ تي ابتي بوتل وجهو. پيشاب، بوتل ۾ ته ڪرفتي هيٺين ڪنهن ٻه حصي ۾ هلي ويندي. سوراخ جي اڏ تي جيڪو استعمال ۾ ناهي ڍڪ ڏئي ڇڏيو.



پيشاب ڪنهن ٿانو ۾ گڏ ڪيو وڃي ٿو ته جيئن پاڻ طور استعمال ڪري سگهجي (ڏسو ص. 134) ...



هر سوراخ جي مهڙ ۾ پيشاب ڦيرائيندڙ يا ڊائورٽر هٽو. ڇلها سوراخن مٿان رکو.



... يا نڙي رستي سوڪ پٽ ڏانهن اماڻيو وڃي ٿو (ڏسو ص. 82)



پيشاب ڦيرائيندڙ ڇلهو ڪنهن ٻه هڪ سوراخ مٿان رکو ۽ ٻئي سوراخ کي تيسيتائين ڍڪي ڇڏيو جيسيتائين استعمال ڪرڻ جهڙو نه ٿو ٿئي.



## ٻن خانن وارو خشڪ ڪاڪوس استعمال ڪرڻ ۽ سنڀالڻ




- پڪ ڪريو تہ ڪرفتيءَ واري خاني ۾ پاڻي نٿو وڃي
- جيڪڏهن ڪاڪوس جو مواد آلو ٿي وڃي تہ منجهس وڌيڪ خشڪ مواد ملايو
- جيڪڏهن ڪاڪوس.مان بدبوءِ ايندي هجي تہ منجهس وڌيڪ خشڪ مواد ملايو. پڪ ڪريو تہ هوادان نڙو صاف آهي
- جيڪڏهن ڪرفتيءَ جو ڍير ٿي وڃي تہ ڪنهن ڪاٺيءَ سان گُڏي ڇڏيو (ڏسو ص. 134)
- جڏهن هڪ خانو ڀرجي وڃي تہ ٻيو استعمال ڪريو. پڪ ڪريو تہ جيڪو خانو استعمال ۾ ناهي، اهو ڍڪيل رهي ٿو
- بهتر ٿئي ٿو تہ ڪرفتيءَ کي سڄو سال ڇڏي ڏجي ۽ پوءِ خانو صاف ڪجي. هڪ سال ڪانپوءِ يا جڏهن ٻيو خانو بہ ڀرجي وڃي تہ پهريون خالي ڪري وري ساڳيو سلسلو ورجائجي.

## ڪاڪوس ۾ گندو ڪچرو نہ اڇلائجي



ڪاڪوس ۾ گندو ڪچرو نہ اڇلائجي

اِڪالاجيڪل ڪاڪوسن جي ڪم ڪرڻ لاءِ ضروري ٿئي ٿو تہ اهي، رڳو انساني ڪرفتيءَ لاءِ استعمال ڪجن. ماهواريءَ واريون عورتون بہ اهي ڪاڪوس آرام سان استعمال ڪري سگهن ٿيون. جڏهن تہ ماهواريءَ جا رت وارا ڪپڙا وغيره ڪاڪوس ۾ اڇلائڻ نہ گهرجن.

اڪالاجيڪل ڪاڪوس ۾ ڪا بہ اهڙي شئي جيڪا ڳري سڙي نٿي سگهي جهڙوڪ: ٽين جا دٻا، بوتلون، پلاسٽڪ، زالاٽا پها / اڳڙيون يا پنن جو وڏو مقدار اڇلائڻ نہ گهرجي. جڏهن تہ، ٿورڙي مقدار ۾ پنو پن، ٻوروءِ ٻوٽن جو اهڙو ٻيو مواد استعمال ڪري سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ تہ، اهي شيون مٽيءَ ۾ ڳري سڙي وڃن ٿيون.

### نهرو ٻاڻ ڪڏهن استعمال ڪرڻ سلامتيءَ وارو سمجهيو وڃي ٿو

جڏهن خشڪ ڪاڪوس جو مواد بلڪل خشڪ ٿي وڃي ۽ منجهس گهٽ يا بنھ بدبوءِ نہ رهي، تڏهن ڪڍي سگهجي ٿو. ان لاءِ اهو ڪاڪوس ۾ هڪ سال تائين خشڪ رهڻ گهرجي.

جڏهن توهان سمجهو ٿا تہ اهڙو مواد استعمال ڪرڻ لاءِ تيار آهي، تڏهن ڪڏو ڪولجي. پر جي آلو/ گهميل هجي تہ منجهس ٻوٽن جو سُڪل مواد جنهن سان خاڪ مليل هجي ملائي ڪجھ وڌيڪ هفتن لاءِ سُڪڻ لاءِ ڇڏي ڏجي. پر جي ڍير سڪي ويو آهي ۽ منجهس تيز بدبوءِ ناهي تہ استعمال ڪرڻ لاءِ تيار آهي. اهو بيلچي سان ڪڍي سگهجي ٿو.




انساني ڪرفتيءَ جو ڪم ڪندي دستانا ۽ بوٽ پائڻ ضروري ٿين ٿا ۽ ڪاڪوس خالي ڪرڻ ڪانپوءِ چڱيءَ طرح سان هٿ مَلي صاف ڪرڻا پون ٿا.

خشڪ مواد ڪڍي ٻاڻ طور استعمال ڪري سگهجي ٿو.

# پيشاب جو پاڻ

ڪي آبادگار پيشاب کي پاڻيءَ سان ملائي پاڻ طور استعمال ڪن ٿا. ڇاڪاڻ ته پيشاب ۾ نائٽروجن ۽ فاسفورس جهڙا ڪارائتا غذائي جزا هجڻ سبب ٻوٽن جي واڌ ويجهه ڪرائڻ ۾ مدد ڪن ٿا. ڪرڦتيءَ جي پيٽ ۾ پيشاب سان ڪم ڪرڻ گهڻو سلامتيءَ وارو ٿئي ٿو. جڏهن ته اهي ساڳيا غذائي جزا، جن سبب اهو هڪ سٺو پاڻ ٿئي ٿو اهي پاڻيءَ جي وسيلن جي غلاظت جو به ڪارڻ ٿي سگهن ٿا. ان ڪانسواءِ پيشاب ۾ رت جا ڪينئان (ڏسو ص. 56) به ٿي سگهن ٿا. تنهنڪري ضروري ٿئي ٿو ته پيشاب، پاڻيءَ جي ذريعن ۾ نه وڃي يا اهڙن هنڌن تي جتان ماڻهو پاڻي پيئن ۽ وهنجن ٿا.

## پيشاب مان هڪ سادو پاڻ ٺاهڻ



پاڻيءَ جا 3 جڳ ۽ 1 جڳ پيشاب = پاڻ

پيشاب کي ڪجهه ڏينهن لاءِ هڪ بند ٿانو ۾ رکي ڇڏيو. ائين ڪرڻ سان جيڪڏهن منجهس ڪي به جيوڙا موجود هوندا ته مري ويندا ۽ غذائي جزا هوا ۾ خارج ٿي نه سگهندا.

پاڻ ٺاهڻ لاءِ پيشاب جي هڪ دٻي ۾ پاڻيءَ جا 3 دٻا ملايو. توهان پيشاب مليل پاڻيءَ جو پاڻ هفتي ۾ 3 ڀيرا استعمال ڪري وڻ ٻوٽا اپائي سگهو ٿا.

پيشابي پاڻ رستي به ٻوٽا ايتري سٺي واڌ ويجهه ڪن ٿا جيتري ڪيميائي پاڻن رستي ۽ اهڙن ٻوٽن کي پاڻيءَ جي گهٽ گهرج ٿئي ٿي. اهڙا پنن وارا ٻوٽا جهڙوڪ: پالڪ يا گهري سائي رنگ واريون سبزيون توهان ڪائي به سگهو ٿا ته اهي واڌ به سٺي ڪن ٿيون. پيشاب سان ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ هميشه هٿ ملي صاف ڪري ڇڏيو.

## خميريل پيشابي پاڻ ٺاهڻ

پيشاب سان ڪامپوسٽ ملائي ۽ ان کي ڳرڻ سڙڻ ۽ خميرجڻ لاءِ ڇڏي ڏيڻ سان پوکيءَ لاءِ نئين زمين تيار ٿئي ٿي.

1. خشڪ ڪاڪوسن مان پيشاب گڏ ڪريو. پيشاب جي هر لٽر ۾ زرخيز مٽي يا ڪامپوسٽ جو 1 وڏو چمچو ملايو.
2. اهڙي مڪسچر کي 4 هفتن تائين ڪليل ڇڏي ڏيو. ان سان جيئن ته ڏپ ٿيندي، تنهنڪري اهو ڪم ماڻهن کان پري ڪريو. پيشاب جو مڪسچر خميرجي ناسي ٿي ويندو.
3. هڪ وڏي ٿانو کي سڪل پنن يا ٻوٽن جي ڪنهن به خشڪ مواد سان پري ٿانو کي تلهي پلاسٽڪ ويڙهي ڇڏيو ته جيئن تري ۾ سوراخ مان پاڻي وهي نه سگهي.
4. منجهس خميريل پيشاب ملايو. بهترين مڪسچر ۾ 7 حصا ٻوٽن جو مواد ۽ 1 حصو پيشاب ٿئي ٿو (پيشاب جا اٽڪل 3 لٽر ٻوٽن جي هر 30 هر چورس س.م لاءِ).
5. مٽيءَ جي هلڪي تهه سان ڍڪي (10 س.م کان ٿلهو تهه نه هجي) منجهس ٻج يا ٻيجارو هڻي ڇڏيو.
6. هر 2 ڏينهن تي پيشاب جي 1 حصي ۾ 10 حصن جيترو پاڻي ملائي ڏيندا رهو (مٽي ٻڌايل جي پيٽ ۾ اهو چڱو مڪسچر آهي. ڇاڪاڻ ته اهو بند ٿانون لاءِ استعمال ڪيو ويندو پر نه ڪي کيت يا باغ لاءِ). ٻوٽن جو سڪل مادو 10 کان 12 مهينن ۾ زرخيز مٽيءَ ۾ مٽجي ويندو.

نئين مٽي پوکيءَ لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿي.

# سڌاريل خشڪ ڪاڪوس

هن ڪتاب ۾ ڏنل ڪاڪوسن جي، ماحولياتي صفائيءَ جي لحاظ کان رڳو ڪجھ مکياري ڏني ويئي آهي. جڏهن تہ مختلف برادرين جي ضرورت آهر انهن ۾ سڌارسنوار ڪري سگهجي ٿي. اهڙيون ڪي ڳالهيون جن رستي خشڪ ڪاڪوس سٺي طرح سان ڪم ڪري سگهن ٿا، اهي آهن:



- **سج جي تپش** سبب غلاظت ڳرڻ سڙڻ ۾ مدد ملي ٿي، تنهنڪري ڪاڪوس اهڙي طرح سان ٺاهجن تہ جيئن انهن جي خانن جو منهن سج ڏانهن هجي، انهن جي درن کي ڪارو رنگ ڪري ڇڏجي جنهن سان خانو گرم ٿيندو هوا جو سٺو گذر ٿيندو ۽ جيوڙا جلد مري ويندا.
- **وڌيڪ هوا لڳڻ** سان پڻ غلاظت کي ڳرڻ سڙڻ ۾ مد ٿي. استعمال شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ بانس ٽڪرا، م جون ڏانديون، وڻن جون ٽاريون يا اهڙو ٻوٽن جو سد خاني جي تري ۾ رکڻ سان ڪرفتيءَ مان هوا جو سٺو خشڪ ٿيڻ جي عمل کي تڪڙو ڪري ڇڏي ٿو.

**ڪاڪوس جي ڏوپ جو پاڻي پوک لاءِ استعمال ڪرڻ**

انڊيا ۾ ماڻهن اهڙا خشڪ ڪاڪوس بہ استعمال ڪرڻ ش جو پيشاب ۽ ڏوپ لاءِ استعمال ٿيندڙ پاڻي پوک لاءِ استعمال ٿيندڙ زمين ۾ وهايو وڃي ٿو.




اهڙو هنڌ جتي ڪاڪوس جو پاڻي ۽ پيشاب گڏ ڪيو وڃي ٿو واريءَ ۽ بجريءَ سان پري اتي پن، گاھہ يا اهڙي ڪا ٻي مقامي ڪاٺڻ لاءِ استعمال نہ ٿيندڙ پوڪ پوکي وڃي ٿي. جڏهن ٻوٽا گهاٽا وڏا ٿي وڃن ٿا تہ اهي وڍي ڪاڪوس ۾ اڇلايا وڃن ٿا.

ڪاڪوس جا هيٺيان خانا استعمال کان اڳ ککن کانن سان ڀريا وڃن ٿا تہ جيئن گهم جذب ڪري ۽ ڪامپوسٽ ٺهڻ ۾ مدد ڪري سگهن. هر دفعي جي استعمال وقت منجهس مٽيءَ يا رک جو هڪ يا ٻہ ٻڪ بہ اڇلايو وڃي ٿو. وقت بہ وقت ٻوٽن جو سڪل مادو بہ ملايو وڃي ٿو تہ جيئن منجهس موجود مادو سڪي ڳري سڙي وڃي. استعمال جي هڪ سال کانپوءِ، پهريون خانو کولي ٻوٽن پوکڻ لاءِ ان جو مادو ڪامپوسٽ ڍير يا زمين سان ملايو وڃي ٿو.

# ڪڏن وارا پور فلش ڪاڪوس



واٽر سيل ٽرئپ

پور فلش ڪاڪوسن (pour flush pit toilets) ۾ پاڻي فلش ڪرڻ/وهائڻ سان، غلاظ
هوديءَ ڏانهن هلي وڃي ٿي. هن قسم جا ڪاڪوس شهرن ۽ ڳوٺن ۾، جتي پيئڻ وبهڻ ڪان
پاڻي ڪي ڏوئي صاف ڪيو وڃي ٿو عام استعمال ڪيا وڃن ٿا. اهي ڪڏن وارن ڪاڪوسن
گهڻا مهانگا نٿا ٿين. جيئن ته سٺيءَ طرح سان ٺهيل فلش ڪاڪوسن ۾ بدبوءِ نٿي ٿ
تنهنڪري اهي گهر اندر يا گهر ويجهو ٺاهي سگهجن ٿا. فلش ڪاڪوسن ۾ پلاسٽڪ
فائبر گلاس يا سيمينٽ جي گينڊي استعمال ڪئي وڃي ٿي يا ويهڻ لاءِ چلهو سيمينٽ ج
دڪي ۾ هنيو وڃي ٿو. گينڊي يا چلهي ۾ عام طور تي واٽر سيل ٽرئپ (water seal trap) اس
ڪئي وڃي ٿي، جنهن سبب نه ته بدبوءِ نه ئي هودين ۾ جيتن جي واڌ ويجهه ٿي سگهي ٿي. سيمينٽ جو ڏڪو سنئون
سڌو هوديءَ مٿان رکيو وڃي ٿو يا پائيپ رستي هڪ يا ٻن ڪڏن سان ڳنڍي سگهجي ٿو.

## فلش ڪاڪوس ڪيئن استعمال ڪجي؟

جيڪڏهن 1 ڪڏو هجي، تڏهن ڪاڪوس تيسيتائين استعمال ڪري سگهجي ٿو جيسيتائين ڀرجي نٿو وڃي. ان ڪانپوءِ خالي ڪرڻ ضروري ٿئي ٿو ته جيئن وري استعمال ڪري سگهجي. جيڪڏهن 2 ڪڏا هجن ته انهن لاءِ هڪ جنڪشن باڪس ٺئي ٿي، جيڪا غلاظت کي استعمال ٿيندڙ ڪڏي ڏانهن اماڻي ڇڏي ٿي. پهريون ڪڏو تيسيتائين استعمال ڪرڻو پوي ٿو جيسيتائين ڀرجڻ تي نٿو اچي، ان ڪانپوءِ غلاظت کي ٻئي ڪڏي ڏانهن اماڻيو وڃي ٿو.

ڪڏي ڏانهن ويندڙ پائيپ جڏهن استعمال ۾ نه هجي ته ان کي سيمينٽ، مٽي يا فئبرڪ (fabric) جي ٻوچ رستي بند ڪري ڇڏجي ٿو.




ٻن ڪڏن وارو فلش ڪاڪوس




زمين ڪان مٿي ڏڪو غلاظت کي ڪڏن ڏانهن وهائي ڇڏي ٿو. جيڪڏهن
لاڳيتو سنڀال لهجي ته هي ڪاڪوس ڪيترائي سال هلي سگهي ٿو.

هڪ ڪڏي وارو فلش ڪاڪوس



هڪ پلستر ٿيل زير زمين ڪڏو 2 ميٽر
اونهو ٿئي ٿو جنهن کي 5 فردن جو هڪ
ڪٽب 5 سالن ۾ ڀري سگهي ٿو.

## جڏهن 2 کڏن وارو فلش ڪاڪوس ٺاهڻو هجي

مٽيءَ جي جوڙجڪ ۽ جَر جي سطح جي حساب سان، فلش ڪاڪوس کوهن کان 2 ميٽرن کان گهٽ مفاصلي تي نہ ٺاهڻ گهرجن. جڏهن تہ آلي / گهميل زمين جي حالت ۾ اهڙا ڪاڪوس، کوهن کان گهٽ ۾ گهٽ 20 ميٽرن جي مفاصلي تي ٺاهڻ گهرجن.




## فلش ڪاڪوس جي سنڀال لهڻ

هر ڀيري جي استعمال کانپوءِ منجهس پاڻي وهائڻ ضروري ٿئي ٿو. جيڪڏهن استعمال ڪرڻ کان اڳ ۾ منجهس ٿورڙو پاڻي هاري ڇڏجي تہ صاف رهي ٿو. ڪاڪوس کي روزانو صاف ڪبو رهجي. اوڪڙو ويهڻ واري گينديءَ کي پائوڊر (صفائيءَ وارو) ۽ هڪ ڏگهي ڳن واري برش سان صاف ڪجي. اهڙو ڪڏو ٻاهر وهي سگهي ٿو. جيڪڏهن:

- پاڻيءَ جي سِيل ڀنججي وڃي تہ ڪاڪوس ڪم نٿو ڪري.
- جَر جو پاڻي 3 ميٽرن کان گهٽ اونهائيءَ تي هجي، جيڪڏهن واقعي ايئن هجي تڏهن جَر جي پاڻيءَ جي غليظ ٿيڻ جو خطرو رهي ٿو.

## کڏي کي خالي ڪرڻ

جيڪڏهن ڪڏا سنا ٺهيل ۽ مٽيءَ جون حالتون ۽ گهم بہ موافق هجي تڏهن غلاظت آهستي آهستي ۽ سلامتيءَ سان آسپاس جي مٽيءَ ۾ جذب ٿي وڃي ٿي ۽ اهڙن کڏن کي خالي ڪرڻ جي ضرورت نٿي ٿئي.

جيڪڏهن غلاظت ڳري سڙي ۽ زمين ۾ جذب ٿي نہ سگهي تہ کڏي کي خالي ڪرڻو پوي ٿو. کڏي جو ڍڪ لاهي، منجهس مٽيءَ جو اٽڪل 30 س.م اونهو تهہ ڏئي ڍڪڻ سان بند ڪري ڇڏجي. 2 سالن کانپوءِ منجهس موجود مواد، بيلچي سان ڪڍي ڀاڻ پور استعمال ڪري سگهجي ٿو.

## صحيح / درست ڪاڪوس جي چونڊ ڪرڻ

ڪو بہ اهڙو ڪاڪوس نٿو ٿئي، جيڪو هر صورتحال ۾ درست ثابت ٿي سگهي ۽ صفائيءَ جي هر طريقي ۾ سڌاري جي گنجائش موجود ٿئي ٿي. هن سرگرمي ڪرڻ سان ماڻهن کي ڄاڻ ٿئي ٿي تہ ڪهڙن قسمن جا ڪاڪوس دستياب آهن ۽ انهن مان ڪهڙو سندن لاءِ بهتر ثابت ٿي سگهي ٿو.



**وقت:** 1 کان 2 ڪلاڪ.

**سامان:** ننڍو ڊرائنگ پنو، وڏو ڊرائنگ پنو، رنڱ مارڪر ۽ ٽئپ چنبڙائڻ لاءِ.

1. پنجن يا ڇهن ماڻهن جون ٽوليون ٺاهيو. انهن مان اهڙي ڪاڪوس جي تصوير ڪڍي ٿو يا انساني غلاظت اڪلائڻ جو طريقو چٽي ٿو جنهن جي کيس ڄاڻ آهي. کين پنهنجن ڪاڪوسن جون تصويرون ڪيڻ گهرجن. بيا انهن جون جيڪي هنن ڏٺا آهن. ڪاڪوسن نہ حالت ۾ ماڻهو ڇا ٿا ڪن، انهن طريقن جون بہ تصويرون ڪين. سرگرمي جو مقصد اهڙن سيني ڪاڪوسن جون تصويرون ڪيڻ آهن، جيڪي سادن ڪانوني جديد ٿي سگهن ٿا.
2. جڏهن تصويرون ڪيڍي پوريون ڪن تہ هر ٽولي پنهنجي خيال موجب اهڙين تصويرن جي خراب ۾ خراب ڪانوني بهترين قسمن ۾ درجيبندي ڪري، اهي وڏي شيٽ تي ٽئپ سان چنبڙائي ڇڏين.
3. هر ٽولي، اهڙيون تصويرون ڏيکاري، انهن جي درجيبندي ڪرڻ جا سبب ٻڌائي ٿي. اهي ڪهڙا سبب آهن جو هڪڙو سرشتو بهتر ۽ ٻيو بدتر آهي؟ ٽوليءَ جو هر فرد اهو بہ ٻڌائي ٿو تہ هو پنهنجي گهر ۾ ڪهڙي قسم جو ڪاڪوس استعمال ڪري ٿو ۽ ڪهڙي قسم جو هجڻ پسند ڪري ٿو.
4. جڏهن سيڪو پنهنجيون تصويرون ڏيکاري بس ڪري ٿو تہ پوءِ ٽولي سيني طريقن ۾ موجود فرق ٻڌائي ٿي.

ان لاءِ هينيان سوال پڇو جهڙوڪ:

- ڇا هرهڪ ان ڳالھ سان متفق ٿئي ٿو تہ ڪهڙا بهترين ۽ ڪهڙا بدترين آهن؟
- ڇا اهڙو ڪو ڪاڪوس آهي، جنهن کي سڀ بهترين سمجهندا هجن؟ ڇا انجو سبب صحت جا ڪارڻ، قيمت يا ڪو ٻيو ڪارڻ آهي؟
- ڇا اهڙو ڪو ڪاڪوس آهي، جيڪو ٽوليءَ جو ڪو بہ فرد پسند نٿو ڪري؟ ڇو؟
- ان سان اهڙو بحث شروع ٿي سگهندو، جنهن ۾ ماڻهو پنهنجي مکياريءَ / پسند جا ڪارڻ ٻڌائيندا.
- ڪهڙا صحت جا فائدا وڌ ۾ وڌ اهم آهن؟
- ڪهڙا ماحولياتي فائدا وڌ ۾ وڌ اهم آهن؟
- ڇا اهڙي ڪا بهتري جيڪا ماڻهو آڻڻ چاهين ٿا، ان لاءِ مقامي حالتن ۾ تبديليون آڻيون پونديون يا ماڻهو صفائيءَ بابت ڪيئن سوچين ٿا؟ ڇا اهڙيون ڪي ساديون ڳالهيون آهن، جن جي ڪرڻ سان اڳ ۾ موجود حالتن ۾ سڌارو اچي سگهي ٿو؟
- جيڪڏهن ٽوليءَ ۾ مرد ۽ عورتون شامل آهن تہ ڇا انهن جا جواب مختلف آهن؟




5. ڪين ٻين قسمن جي ڪاڪوسن کان به واقف ڪرايو. جو ٿي سگهي ٿو ته ڪين انهن جي چاڻ نه هجي جو ممڪن آهي ته ڪين پنهنجن موجود ڪاڪوسن ۾ ڪي هلڪيون ڦلڪيون تبديليون آڻيون پون. جهڙوڪ: هڪ نئين قسم جو ڪاڪوس (. جو هن ڪتاب ۾ ذڪر ڪيو ويو اهڙين نئين ڳالهين تي بحث ڪري ٿي.

6. اهڙن مختلف طريقن تي بحث جي شروعات ڪريو. ٽوليءَ کي چئو ته هيٺ چارٽ ۾ ڏنل سوالن تي ويچار ونڊي، جنهن لاءِ هو/ هوءَ مارڪون ڏيئي اهو ٻڌائي ته اهي ڪيترو گهڻو پسند ڪن ٿا. مثال طور، 5 مارڪن جو مطلب وڏ ۾ وڏ پسند وارو ۽ ٻڙي مارڪ جو مطلب بدتر ڪاڪوس جو آهي. ايئن هر فرد جو ويچار چارٽ تي لکي، پوءِ ڏسو ته مجموعي طور تي ڪهڙو بهتر طريقو پسند ڪيو ويو آهي.

| صحت جا فائدا؟ | ماحولياتي فائدا؟ | خرچ؟ | صفائي ۽ سنڀال جو ڪم |
|---|---|---|---|
| ڪاڪوس ڪونهي | | | |
| بند ڪڏي وارو ڪاڪوس | | | |
| وي آءِ پي ڪاڪوس | | | |
| ڪامپوسٽ ڪاڪوس | | | |
| خشڪ ڪاڪوس | | | |
| فلش ڪاڪوس | | | |

7. فائدن ۽ نون سکيل طريقن جي بنياد تي ٽولي نيون تصويرون ٺاهي ٿي. هڪ وڏي شيٽ تي نيون ۽ پراڻيون تصويرون بدترين کان بهترين جي حساب سان، ٽيپ رستي چنبڙائي ڇڏي ٿي. آخر ۾ هن نئين درجيبندي ڪيل ڪاڪوسن جي اڳ ۾ ڪيل درجيبنديءَ سان ڀيٽ ڪري ٿي.

- انهن ۾ ڪهڙا فرق آهن؟
- ڪهڙن ويچارن ۽ چاڻ سبب ماڻهن ڪاڪوسن جي بدترين ۽ بهترين هجڻ جو خيال مٽائي ڇڏيو؟

ڪيل بحث جي بنياد تي ماڻهو فيصلو ڪري سگهن ٿا ته ڪهڙا ڪاڪوس يا منجهن ڪهڙا سڌارا سندن لاءِ بهتر ثابت ٿي سگهن ٿا.



سٺن ۽ سلامتيءَ وارن ڪاڪوسن جي چونڊ ڪرڻ لاءِ عورتن ۽ مردن جون ڳالهيون ڪرڻ ضروري آهن.